www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٽون کي ٽون

شاعري

ظفر عباسي

نيو ٿنڪرس فورم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حق ۽ واسطا هٿيڪا


| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | ٽون ئي ٽون. |
| شاعر | : | ظفر عباسي. |
| صنف/موضوع | : | شاعري. |
| ڇاپو | : | پهريون. |
| سال | : | 2007ع |
| ڪمپوزنگ | : | اي اي خاصخيلي ۽ خالد سومرو |
| لي آئوٽ ۽ ڊزائيننگ | : | ايس اي پٺو ۽ شهباز علي ميمڻ |
| ٽائيٽل | : | اين ٽي گرافڪس. |
| ڇپيندڙ | : | وينس پرنٽنگ پريس، ڪوڪر محلو، حيدرآباد. |
| ڇپائيندڙ | : | نيو ٿنڪرس فورم. نسيم نگر فيز III، قاسم آباد، حيدرآباد. |

**ملهه: =/80 رپيا**

**TTOON EE TTOON**

(A Collection of Poetry Verse in sindhi Language)

[redacted] :NEW THINKERS FORUM

[redacted] :Nasim Nagar Phase III.

Qasim Abad .Hyderabad .sindh .Pakistan.

Year of Publication 2007

Price per Copy Rs=/80 :



All rights Reserved to Publisher.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ارپنا

پنهنجي جيون ساٿي
عابده
۽ ٽن ٻارڙن
ارسلان (هالار)
ذيشان (وقار)
حسنين
جي نالي

ظفر عباسي
10.02.06

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## پبلشر پاران

ظفر عباسيءَ جي شاعريءَ جي مجموعي "تو تہ چيو ھو..." کي پڙھندڙن پاران بھترين موٽ، اسان کي ان واعدي نيائڻ لاءِ اتساھيو، جنھن ۾ اسان سندس غزلن ۽ ترائيلن کان سواءِ ٻين صنفن ۾ ڪيل 22 سال اڳ جي شاعري جي ٻئي مجموعي کي اوھان جي نگاھن آڏو آڻڻ جو وچن ڪيو ھو.

اھو تمام گھٽ ڏٺو ويو آھي تہ ليکڪن جون نَنڍپڻ جون لکڻيون جڏھن ايڏي وٿي کان پوءِ پڌريون ٿين تہ بہ ايترو ئي مان ماڻين، جيترو ظفر عباسيءَ جي شاعريءَ ماڻيو آھي. ان ۾ ظفر عباسيءَ جي جذبن جو ڪمال شامل آھي، جيڪي "پٽي پراڻا نہ ٿين" جي مصداق اڄ بہ نڪور آھن. سندس ھيءُ مجموعو بہ اھڙن ئي جذبن جو مظھر آھي. جيڪي ڪالھہ بہ نوان ھئا. اڄ بہ نوان آھن ۽ سياڻ بہ نوان رھندا.

ظفر عباسي جي ھڪ ٻي خصوصيت بہ آھي تہ ھو جيترو بھترين نثر نگار آھي، اوترو ئي بھترين نظم نويس پڻ، جيڪا خصوصيت بہ تمام گھٽ ليکڪن جي نصيب ۾ ايندي آھي. ٿين ايئن ۾ لکيل سندس ڪھاڻين جا مجموعا جيڏا پڙھندڙن وٽ مقبول ٿيا اوترو ئي سندس شاعريءَ جا ھي مجموعا بہ پڙھندڙن وٽ مقبوليت ماڻي رھيا آھن. اھو ئي سبب آھي جو اسان سندس نڪور شاعريءَ جو مجموعو "مون ۾ تون" پڌرو ڪرڻ جو بہ ھڪ دفعو ٻيھر واعدو ورجايون ٿا. اوھان جا رايا ۽ ويچار وري بہ ظفر ۽ اسان جي رھنمائي ڪندا رھندا.

پبلشر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنـاءُ


ظفر جي ٻوليءَ جو لستعمال نج پنهنجو آ (مهاڳ) وسيم سومرو 06

ليکڪ فن ۽ شخصيت (تاثر، رايا ۽ ويچار) تاج جويو 10

واحد پارس هيسباڻي 11

هما ايس 12

شاعر پاران 14

نثري نظم 17

تجريدي نظم 112

چوسٽا 117

ٽه سٽا 118

گيت 119

وايون 121

بيت 125

دوها 127


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ظفر جي ٻوليءَ جو استعمال انوکو ۽ نج پنهنجو آهي

نئين ٿهيءَ جيڪا. ادب ۾ ڪوتا جي اپ تي تارن، ٽيڙن ۽ ڪتين سمان ايري انهيءَ ۾ آغا قيوم، عاشق هالائي، ڪنول سنڌي، عرفان مهدي، نظير منگي، ادريس جتوئي، انجم سومرو، روشن ڪلهوڙو، علي نواز قل، حيدر شاهه، لياقت رضوي، ناز سهتو ٻيا ڇتا پتا نظر آيا. انهن ادب ڏانهن تمام تڪڙي وک وڌائي پنهنجو ڀاڱ موڪيو آهي ۽ انهن سنگ، ڪي ڪوي/شاعر بلڪل سياري ۾ وهندڙ سنڌوءَ جي وهڪ سمان، پنهنجي پنهنجي پيچري ڪي پختگيءَ سان وني هلندا رهيا آهن. جيتوڻيڪ ڪيترن ڪي سڌ به ڪانهي ته اهي ايندڙ وقت جا سٺا ڪوي/شاعر ليکبا. اهڙن مان هڪ ڪوي/شاعر ظفر عباسي آهي جيڪو هونئن ته ڪهاڻيڪار ـ ٻ نانءَ سان سڃاتو وڃي ٿو پر اچانڪ سندس من جي ستل ڪوتا سر ـ ت جاڳندي ڪيس ڇيو.

ورق اٿلائيندو وڃ،
۽ شعر ڪٽندو وڃ!

۽ اهڙي ريت هو ذهن جا نپيل ورق اٿلائيندو ويو ۽ انهن تان انوکا گيت، شعر ميڙيندو ويو ۽ ان جو هڪ ڪتابچو جڙي پيو جيڪو "تو ته ڇيو هو..." جي سري سان سمويل آهي، ظفر جي شاعريءَ ۾ هلڪي تڙپ آهي، بلڪل اهڙي، جهڙي ڪن نهنين اکين جي ڏسڻ سان محسوس ٿيندي آهي. هونءَ ته جڏهن ڪڪر زور سان ٽڪرائجندي وسندا/برسبا آهن ته انهن ڪي به پنهنجي انوکي سونهن هوندي آهي، جيڪا هانءَ کي لوڏي وجهندي آهي پر ظفر جي شاعريءَ ۾ خيالن جو اهڙو تيز ٽڪراءُ ڪونهي، جيڪو هانءَ کي لوڏي وجهي. بهرحال ظفر جي ڪوتا/شاعري، گونگي مينهن سمان آهي. جيڪو بنان ڪنهن آواز جي جهم هڻي وسندو آهي.

ظفر ايرندي ٿي فن جو سهارو وٺي تخليقي شعر/گيت ڏنا آهن، جن من ڪن تي ايرين شاعرن جو اثر به اٿس. دراصل اهو مسئلو نه فقط ظفر سان لاڳو آهي پر اسان مڙني ايرندڙن سان به. تنهن هوندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بہ ظفر جي ڪوتا/شاعري کي نج اولڙو ڪانهي. سندس شاعريءَ کي پڙهڻ سان اهو احساس من مان الرون ڏيئي ايري ٿو تہ ظفر هڪ عرصي جو ڏاڪو لتاڙي هڪ الڳ حيثيت رکندو. جو تہ هينئر ئي سندس ٻوليءَ جو استعمال انوکو ۽ نج پنهنجو آهي.

محترم محمد ابراهيم جويو لکيو آهي تہ "هر دور جو حقيقي شاعر پنهنجي مضطرب روح جي اظهار ۽ انقلاب آفرين پيغام جي بيان لاءِ پنهنجي جدا ٻولي استعمال ڪندو آهي."

آئون سمجهان ٿو تہ "مان اڪيلو هجان" ۽ "جيون. رنگن جو ڪينواس" ظفر جا اهڙا نظم آهن. جن ۾ سندس ٻوليءَ جو استعمال نج پنهنجو آهي. ظفر کي رومانوي شاعر ڪونجي تہ وڏاءُ ڪو نہ ٿيندو. هونئن بہ هر ليکڪ پنهنجي پنهنجي حالتن کي پسي قلم جي نوڪ کي ڪاغذ جي ڇاتيءَ تي هلائيندو آهي ۽ هو وقت آهر ادب سرجيندو آهي پر تڏهن بہ ليکڪ کي حقيقت پسند ٿيڻ گهرجي، نہ ڪي رومانيت جي بينل ڍنڍ تي غير حقيقي ڳالهيون ڪرڻ گهرجن.

ڪيرت ٻاٻاڻي لکي ٿو تہ "هڪ رومانوي ڌارا آهي جنهن ۾ حقيقتن کي سهڻو ۽ رنگين ڪري ڏيکاريو ٿو وڃي. انسان جي امنگن ۽ احساسن کي آسمان ڏانهن اڏايو ٿو وڃي!" ۽ وري اڳتي لکي ٿو "صحتمند رومانوي نظريو اهو آهي جيڪو انساني امنگن ۽ احساسن کي ڪشادو ٿو ڪري، ارادي کي محڪم ٿو بڻائي. بهتر زندگيءَ لاءِ تڙپ ٿو پيدا ڪري ۽ انسان کي حسين خواب ڏيکارڻ سان گڏوگڏ انهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪشمڪش ڪرڻ تي آماده ٿو ڪري!"

دراصل ظفر ۾ اهي ٻئي لاڙا آهن، جنهنڪري ڪيس اڳتي هلي هڪڙو رخ وٺڻو پوندو. جو تہ ڪڏهن تہ هيئن ٿو لکي تہ:

هر ماڻهوءَ ۾ ريٽو رت،
ڇا جا ويڇا، ڇا جي ذات.

☆☆☆

پيٽ بکئي ۾ بک جي ميوزڪ.

☆☆☆

اسان پڪل هئين نہ مرنداسين،
سچ جي هيٺ بہ لتو.!



ٻيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو ماريندو رهندو، مان مرندو رهندس،
هو پوري رهندو، مان چمندو رهندس.

۽ سندس هڪ مڪمل نظم "ٻوساٽ ٻر جي خالق ڏانهن" جي عنوان سان، اهڙا شعر آهن جن ۾ انسان سان انس آهي، سندس حسرتن جو احساس آهي ۽ انهن لاءِ ڪشمڪش آهي، پر سندس هي شعر پڙهو.

"سڪل وڻ جو اسڪيچ"، "آخري ڪس"، "مايوس شاعر" يا "موت جي علامت" اهي ظفر جا اهڙا نظم آهن، جن ۾ مايوسي آهي ۽ اها ٻه اهڙي مايوسي جنهن مان اميد جو ڪو ٻه ڪرڻو نٿو ايري، حقيقتن کي جيئن جو تيئن پيش ڪرڻ، حقيقت نگاري ڪانهي! فنڪار هميشه پهرين اگرين ۽ ڪڙين حقيقتن کي پنهنجي فن جي گهري اک سان پسي ڪري انهيءَ ۾ اهڙو ته سنياس سموئيندو آهي جو اها اگري ۽ ڪڙي حقيقت ڪلا جو روپ وٺي ماڻهن جي پڄرندڙ سينن ۾ لهي ويندي آهي ۽ اثر ساڳيو ڇڏيندي آهي. جنهن جو ردعمل اجرو ڪير جهڙو تيندو آهي ۽ اهو ئي ڪلا جو ڪمال هوندو آهي. انهيءَ لحاظ کان ظفر جا گيت، جيئن جو تيئن پيش ڪيل آهن. اڳتي هلي ظفر کي انهن ۾ پنهنجي ذهني فنڪاريءَ جو جادو سمائڻو پوندو ۽ پنهنجي شاعريءَ کي اميد جي دائري ۾ سمائڻو پوندو.

ظفر انفرادي پريت جي ٻڪ ۾ ايترو ته جڪڙيل آهي جو "سلائيڊبس" نظم ۾ هن جو خيال آهي ته سندس رت جي هڪ هڪ بوند ۾ سندس پريتما جو اسڪيچ ٺي هوندو! ۽ هڪ ته نظم "دعويٰ" ۾ هو فقط ڪاربان جي موجودگيءَ ۾ جيئڻ جي هام ٿو هڻي. اهو تمام گهرو " Will Powerآهي پر افسوس رڳو اهو آهي ته انفرادي ۽ ساڳي ريت سان هوا سان عقيدت ٻه پريتما تحت آهي. آئون سمجهان ٿو ته ظفر يورپ ۾ ههڙا گيت ۽ نظم تخليق ڪري ها ته مهان ڪوي ليکجي ها پر سنڌ جون حالتون ڪجهه اهڙيون آهن جن کي مدنظر رکي ڪري ظفر جي شاعريءَ تي ڳالهائڻو پوندو/ويچارڻو پوندو جو ته سماج سان اکبوٽ ڪرڻ وارو "سماج دشمن" سڏبو.

اسان جو هينئيون سماج، جنهن جا اسان اڳواڻ آهيون! ڪوي جسيم الدين لکي ٿو ته "سماج کي اڄ جي اديب/شاعر


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان نفرت ۽ حقارت نہ ڪرڻ گهرجي. دراصل اسان سماج جون جيئريون جاڳنديون يونيورسٽيون آهيون. اسان جو ڪم اتان شروع ٿو ٿئي، جتي تعليمي ادارن جو ڪم ختم ٿئي ٿو. اسين سماج/ماڻهن کي فن ۽ زندگي بخشون ٿا!" انهيءَ لحاظ کان ظفر جي ڏک جو دائرو محدود ٿو ڏسجي. جيتوڻيڪ! گهرو تمام گهڻو آهي، ظفر کي پنهنجي اتم پريتما سان گڏ پنهنجي وسهوڙيل سماج ڏانهن بہ اک ڪٽڻي پوندي، جيڪو ننگي وڻ وانگر سياري ۽ اونهاري ۾ سڙندو سڪندو ٿو وتي.

اها بہ ڳالهہ آهي تہ ظفر جي ڪجهہ شاعري حقيقت جو عڪس چٽي ٿي. اهڙي قسم جو هڪ نظم "1981ع جي نالي" آهي! جنهن ۾ سال کي اهڃاڻي طور ورتو ويو آهي ۽ انهيءَ سان گڏ سندس هڪ دوها غزل بہ آهي! جنهن ۾ "جيون" جا انيڪ روپ تشبيهي استعارن جي تاجي پيٽي ۾ بند ڪري پيش ڪيل آهي.

مجموعي طور ظفر جي شاعري، آس ۽ ياس جو سنگم آهي، جنهن مان ڪڏهن زندگيءَ لاءِ هڳاءُ ٿو اچي تہ ڪڏهن ڪٽي بوءِ. وري بہ ظفر اڀرندڙ شاعرن مان انوکو شاعر آهي. هن رڳو قافين تي زور ڪونهي ڏنو، نہ ئي وري ڇهري جي سونهن جي معرفت ادب ۾ پير ڪپايو آهي.

**وسيم سومرو**
مارچ 1982ع
نواب شاهہ
(جيون جو ڀهريون مهاڳ)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ليڪ: فن ۽ شخصيت

(تاثر- رايا ۽ ويچار)

## ظفر جي نظمن ۾ ڪافي نواڻ آهي

ظفر جا نظم، آزاد نظم ۽ تجريدي نظم، سڀ جا سڀ تہ نہ پر ڪجھ بهتر چئي سگھجن ٿا. آزاد نظمن ۽ تجريدي نظمن ۾ ڪافي نواڻ موجود آهي.

مثال طور هن تجريدي نظم کي ڏسو.

ڏينهن، رات جي ڪنڌ ۾
ٻانهون وجهي
ڪائنس پڇيو:
”تون ايترو روئيڻ ڇو ٿي؟“
رات روئندي، سڏڪندي چيو:
”ڇو جو تون ايترو ڪلين ٿو!“

هيءُ آزاد نظم بہ جديد رنگ ۾ ورتل آهي:

منهنجي جسم جي
سموري رت جا
سلائيڊس ناهي،
مائيڪرو اسڪوپس ذريعي
ڪو ٻي تخليقڪار
تجرباتي طور تي
ٽيسٽ ڪندو تہ
هر ”ريڊ بلڊ ڪارپلس“ ۾
هر ”وائيٽ بلڊ ڪارپلس“ ۾
ڪيس نظر ايندو
تنهنجي چهري جو عڪس!

”جيون- رنگن جو ڪينواس“، ”جي اڄ ٿي تون ملي پوين“ ۽ ”1981ع جي نالي“ نظم بہ چڱن نظمن جي قطار ۾ ڪٿي سگھجن ٿا.

ظفر جا بيت ”قومي سوچ“ سان هم آهنگ آهن. هيءُ بيت وقت جي حالتن جو سٺو عڪس پيش ڪري ٿو:

ٻنائيءَ جي ٻونءِ تي، واتن ڪي تالو،
رهيو آ انصاف جو، باقي ڪو نالو،
ڏاهپ ڏيوالو، جاهل ڪڍيو جوءِ مان!

1988. 08. 18/تاج جويو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ذات جو خاص قرب مائيندڙ

”ذات رُسي تہ سگهي ٿي پر بيوفائي نہ ٿي ڪري سگهي“ اها واقعي ہ حقيقت آهي. مون وٽ ان جا ڪيترائي مثال موجود آهن. ان جو هڪڙو مثال ظفر عباسي بہ آهي. مسلسل 20 سال شاعريءَ کان ڏور رهڻ ڪانپوءِ ڪيترن ائين سمجهيو تہ شايد ذات هن سان سڀ تعلق ٽوڙي هلي وئي آهي ۽ هاڻي شاعري ۽ هن جو پاڻ ۾ ڪو واسطو ناهي رهيو. 20 سال واقعي وڏو وقت آهي پر ذات ديويءَ جو هن سان وري ٻڪجي پوڻ ۽ سندس اڳ کان بہ اڳرو ٿي لکڻ مان اها ڳالهہ ثابت ٿي تہ ”ذات رسي تہ سگهي ٿي پر بيوفائي نہ ٿي ڪري سگهي!“ ظفر عباسي جي ماضيءَ جي شاعري ۽ هاڻوڪي شاعريءَ ۾ ڀيٽ ڪجي ٿي تہ ٻنهي جي سونهن ۾ تہ ڪو فرق نظر نٿو اچي باقي موضوعاتي لاڙو ڪجهہ مختلف محسوس ٿئي ٿو. سندس ماضيءَ جي شاعريءَ ۾ انقلابيت جو جام اثر آهي، ان ۾ گهڻن شعرن مان فراق جو درد تمندي نظر اچي ٿو پر هاڻوڪي شاعريءَ ۾ رومانس جو ڀربور جلوو آهي. تخليقڪار تہ هوندو ئي حساس آهي پر ظفر عباسيءَ ۾ مون اها حساسيت انتها درجي جي ڏٺي آهي، هو ٻئي جي تڪليف تي روئي پوندڙ ۽ پاڻ کي نقصان ڏئي بہ ٻئي جو فائدو سوچڻ وارو ماڻهو آهي، اسان وٽ اهڙا ماڻهو تمام گهٽ آهن. عام تاثر اهو آهي تہ جيڪو تيز لکندو آهي. ان جي تخليق ۾ اهو معيار نہ رهندو آهي پر ظفر عباسيءَ واري معاملي ۾ مون صورتحال ان جي ابتڙ ڏٺي آهي، تڪڙو لکڻ باوجود هن جي ڪنهن بہ تخليق ۾ يڪسانيت. ورجاءُ ۽ هڪ جهڙائي ڪونهي، گهڻو لکڻ سان گڏ هو سٺو بہ لکي رهيو آهي. جنهن مان ذات جو سندس مٿان گهڻو مهربان هجڻ ظاهر ٿئي ٿو. مون سان هڪڙي عجيب صورتحال آهي تہ جڏهن ڪير مون کان ماضيءَ جي بهتر شاعرن جو پڇي ٿو تڏهن بہ منهنجي پسند وارن شاعرن ۾ ظفر عباسيءَ جو نالو شامل هجي ٿو ۽ جڏهن ڪير حال جي شاعرن جو پڇي ٿو تڏهن بہ ٻين نالن سان گڏ مان ظفر عباسيءَ جو نالو کڻان ٿو. ماضيءَ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رنو کو نہ هوسين بصر پئي وڌيا،
اسان جا لڙڪ هي سڀ دغا ئي صحيح،
پتلا وفا جا اوهان ئي صحيح،
اسان بي وفا بي وفا ئي صحيح.

جهڙو شاهڪار چوئستو لکندڙ ۽ هاڻي

تون آئينءَ تہ روشن هي گهر تي ويو،
سجايو هي جيون سفر تي ويو،
نگاهون نگاهن سان اٽڪي پيون،
ائين راهہ ويندي ٽڪر تي ويو.

جهڙو خوبصورت شعر سرجيندڙ ظفر عباسي مسلسل 20 سال شاعريءَ جي ياڪرن کان محروم رهيو هو. يقين ئي نٿو اچي. سندس شعرن وچ ۾ ڪٿي بہ تسلسل ٽٽل نٿو لڳي. فرق رڳو اهو آهي تہ هن ڪالهہ انقلاب تي گهڻو لکيو هو جيڪو پڻ رومانس جو حصو آهي ۽ اڄ محبوب جي محبوبيت ۾ محو آهي پر هن پنهنجي شاعريءَ مان اها انقلاب جي خوشبوءِ وڃڻ ناهي ڏني. سنڌ جو هي سهڻو ڪوي شل ان ئي تيزي ۽ خوبصورتيءَ سان لکندو رهي.

**واحد پارس هيسباڻي**

## پيارو ليکڪ - پيارو ماڻهو

سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ هڪ نمايان نالو ظفر عباسي بہ آهي، ظفر اهو ڪهاڻيڪار آهي جنهن جي اندر ننڍي لاءِ کان اهو فنڪار موجود آهي جيڪو پنهنجو پاڻ ۾ بي پناهہ تخليقي سگهہ سمايو وينو آهي. سندس ڪهاڻين جا ڪردار سندس آس پاس پکڙيل آهن. هو انهن کي ڪهاڻين ۾ آڻي کين آئينو ڏيکاري ٿو ۽ جن مان معصوم ڪردار هڪ پلڪ لاءِ مرڪ جو سلام ظفر کي ڏين ٿا پر پيانڪ ۽ ميرن چهرن وارا گدلا ڪردار مٽس ڏمرجي وڃن ٿا. هي اهو سچو ۽ بي ڊپو اديب آهي جنهن جي ڪنهن بہ نڪتي کي چئلينج ڪرڻ، پاڻيءَ ۾ لنيون هڻن برابر آهي. ظفر نهايت پراعتماد، پرپور شخصيت ۽ طبيعت ۾ مانيٺو آهي. بهرحال هن جي لکڻين مان ظاهر آهي تہ ان زندگيءَ ۾ ڏک بہ سهيو آهي ۽ خوشي بہ. زندگيءَ جي ڏکين توڙي سولن رستن تان گذرندڙ هن قلمڪار ادب جي دنيا ۾ اسان جون ڪيتريون ئي خدمتون ڪري، اسان سڀني جي دل ۾ جڳهہ ناهي ورتي آهي. هو اهڙي مقام تي پهتل آهي جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيترائي سينيئر توڙي جونيئر ليکڪ ان کي ساراهڻ ۾ ناهن ڪيٻائيندا. تڏهن ظفر فخر ضرور محسوس ڪندو آهي پر سندس ذات ۾ پوءِ بہ انڪساري ۽ نماڻائي تڏي مٽيءَ جي احساس جيان قائم رهي ٿي. مون جيڪي بہ ظفر جون ڪهاڻيون پڙهيون آهن، انهن جي لحاظ کان پانيان ٿي هو گهڻو ڏکايل آهي. هو جڏهن بہ درد جي ڳالهہ ڪري ٿو تہ محض هوائي ڳالهہ نہ ٿي هجي هو درد جي فلاسافيءَ کي سمجهي، محسوس ڪري ۽ پوءِ ڪاغذ تي آڻي ٿو. ڪهاڻين جي صورت ۾ ان جي لکڻين ۾ مان ايترو تہ ڪوئجي ويندي آهيان جڻ مان بہ انهن جو ڪو ڪردار هجان، جڻ انهن ڪردارن جو ڏک پنهنجو ڏک محسوس ٿيندو آهي. ظفر جون ڪهاڻيون اسان جي سوسائٽيءَ تي هڪ وڏي چٽر ۽ انگر بہ آهن. اهو چوڻ بي جا نہ ٿيندو تہ ظفر ادب ۽ اشاعت جي ميدان ۾ هڪ بهادر ۽ باضمير سپهہ سالار آهي. ظفر پنهنجي اندر جون ڪيفيتون ۽ سماج جي انا پرستيءَ کي اعليٰ هنرمندي ۽ انتهائي سادگيءَ سان ظاهر ڪيو آهي، مان هن جي انداز بيان ۽ جادوءَ ۾ جڪڙجي وئي آهيان. سندس ڪهاڻين ۾ ڪيترن ئي لطيف جذبن ۽ احساسن جي ڪٿا آهي، هن وٽ ڪٿي بہ دل جون ڊپليڪيٽ ڇاپيون نهيل نہ آهن. هڪڙا معصوم احساس آهن جيڪي پڙهندڙن جي روح جي گهراين کي ڇهي وڃن ٿا. هن جي ڪهاڻين ۾ ننڍا ننڍا، دل ۽ ذهن کي ڇهندڙ احساس آهن، جيڪي ظفر خوبصورتيءَ سان چٽيا آهن. منهنجي ذاتي راءِ مطابق ظفر جيترو پيارو ليکڪ آهي، اوترو ئي پيارو ماڻهو بہ.

**هما ايس**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# منهنجي ذات ڏوهاري

1982ع ۾ جڏهن منهنجي ڪهاڻين جو ٽيون مجموعو "سوال ڇهرا جواب ڇهرا" شايع ٿيو تڏهن الائي ڇو مان رليڪس ٿي ويس، ايستائين جون مون ڪنهن دوست کي اهو به چيو هو ته "هاڻي جيڪڏهن منهنجي جيون جي پڄاڻي به ٿئي ٿي ته مون کي اهو ڏک نه رهندو ته ڪو مون پنهنجو جيون اجايو وڃايو" آءٌ اعتراف ٿو ڪريان ته آءٌ بنيادي طور تي نثر جو ماڻهو آهيان. هر ماڻهوءَ کي پنهنجي ماحول منجهان اتساهه ملندو آهي. منهنجي ماحول ۾ منهنجي بابا شفيع محمد ڪلهوڙو جو انتهائي اهم ڪردار رهيو. هو پورهيت هيو. (مون جيان) زندگيءَ جو هر پورهيو هن ڪيو. مون هن کي ڪڏهن به واندو ويٺي نه ڏٺو ۽ جڏهن پورهئي جو ٿڪ ڪيس چُور ڪري وجهندو هو تڏهن هو رليڪس ٿيڻ لاءِ فلمون ڏسندو هو يا قصن ڪهاڻين جا ڪتاب پڙهندو هو ۽ جيڪو قصو يا ڪهاڻي ڪيس وڻندي هئي اها اسان سيني گهرياتين کي رات جو سمهڻ مهل ڪتابن مان پڙهي ٻڌائيندو هو. هن جون ڪهاڻيون ٻڌڻ لاءِ اسان جا ڪافي مٽ مائٽ اسان وٽ اچي ترسندا هئا. اتان قصي ۽ ڪهاڻي سان منهنجو تعارف ٿيو.

درسي ڪتابن ۾ باراڻي شاعري وڻندي هئي. باقي شاعري پاڻ ئي نه پوندي هئي. ان ڪري ان کي پڙهڻ جي ڪوشش به نه ڪندو هئس. جڏهن منهنجي ڪهاڻين جو پهريون مجموعو (1979) ... شايع ٿيو ته منهنجي محسن استاد سڪيا خان جنا حڪم ڪيو ته ... ڪندڙ مان ڪو ڪتابي سلسلو شروع ڪر. ڪتابي سلسلي جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏس ۾ مان ٻيو سڀ ڪجهه ڪري سگهيس پئي پر شاعريءَ جي چند
چاڻ مون لاءِ ممڪن نہ هئي. ان ڪري مون معذرت ڪئي پر استاد
سائين چيو تہ شاعريءَ جي سکيا توکي آءٌ ڏيندس. جنهن ڪانپوءِ
اسان ساهتي پبليڪيشن ڪنديارو جو اشاعتي سلسلو شروع ڪيو ۽
منهنجي شاعري سان آشنائي ٿي جيڪا اڳتي هلي ”شاعريءَ جون
صنفون“ جي روپ ۾ ظاهر ٿي.

اهي ٿي ڏينهن هئا، جڏهن منهنجي جيون جي جهڳيءَ ۾
پريم جي تازي هوا جو ڀريون جهوٽو گهُليو ۽ الائي ڪيئن مون
کان شاعري سرجڻ لڳي. ڪهاڻيون لکڻ جڻ وسري ويون ۽ شاعري
منهنجي روح جي گهراين ۾ پيوست ٿي ويئي. تن ڏينهن ۾ ٿي
نصير مرزا جي شاعريءَ جو مجموعو ”خوشبو جي سنگ سنگ“
ڇپيو هو. مون کي هن جي نثري شاعريءَ سان اختلاف هو ۽ رڳو
اهو ڏيکارڻ لاءِ تہ ”اهڙي شاعري تہ مان بہ ڪري سگهان ٿو“ مون
نثري شاعري سرجڻ شروع ڪئي تہ هي مجموعو تيار ٿي ويو. مون
ڪيئي ناميارن ليکڪن جي ٻاراڻي اوستا جي لکيل تحريرن کي
ڇپيل حالتن ۾ ڏٺو تہ منهنجي بہ خواهش ٿي تہ چوٿاءِ صدي اڳَ،
جون لکيل هي اَبريون سبريون لکڻيون اوهان جي حضور ۾ حاضر
ڪريان. ٿي سگهي تہ منهنجون من ياوناڻون ۽ اوهان جون من
ياوناڻون هڪجهڙيون هجن، جو ڪائنات ۾ محبت ۽ نفرت جا
احساس لڳ ڀڳ هڪجهڙا ٿين ٿا.

اسان جو دوست ناز سهتو چوندو آهي تہ ”پاڪستان جو
وڏي ۾ وڏو مسئلو اهو آهي تہ جيڪو ماڻهو جتي ڄمڻ گهرجي، اهو
اتي ناهي ۽ جيڪو جتي آهي اهو اتي نہ هجڻ گهرجي“ اهو تمام
وڏو سچ ۽ تاريخي جملو آهي.

ذريعہ معاش ماڻهوءَ کي ڪٿان ڪٿي ڪٿي وڃي ٿو
اڇلائي؟! سو تہ اوهان بہ ڏٺو هوندو. ماڻهوءَ کي سڀ ڪجهه
وسارڻو ٿو پوي. ايستائين جو ڪڏهن ڪڏهن پيار بہ!! 20 سالن
تائين ڪو شاعر شاعري سرجڻ کان پرانهون رهي سگهي ٿو؟ جڏهن
تہ هن جو گذر بہ شاعريءَ جي انبارن مان ٿيندو هجي! ها بلڪل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن ان جي جيون جي جهوپڙي ۾ پيار جو ڏاءُ نہ وري تہ اتين ئي ٿيندو آهي.

ويهن سالن پڇاڙان منهنجي اندر جي الجهنن ۾ گم ٿي ويل شاعر کي چاهتن جي چوماسي هوائن اچي ڳولي لڌو تہ جڻ آءُ زنده ٿي ويس. ها ٽن سالن کان شاعر سان شاعري پرچي پئي آهي. اهو سرچاءُ ڪيستائين هلي ٿو؟ اهو انهن ٻنهي تي منحصر آهي. منهنجو ڪم اها شاعري ترتيب ۾ آڻن جو آسو ڏيان پيو.

شاعر ڏاڍا سياڻا هوندا آهن. هو پنهنجي نالي ۾ ٻين جي من ياونائن جون ڳالهيون ڪري ويندا آهن ۽ ٻين جي نالي ۾ پنهنجي احساس نگاري ڪري وٺندا آهن. هن مجموعي ۾ بہ ائين ئي آهي. ڪي منهنجون ڳالهيون آهن تہ ڪي اوهان جون تہ ڪي اسان جون! ان ڪري اهي ڳالهيون اوهان کي پسند آيون تہ منهنجو پورهيو سجايو محسوس ٿيندو.

اوهان جو

**ظفر عباسي**

**21-11-2006**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# همزاد ڏانهن

او منهنجي همر عمر
همر نظر
همعصر
همسفر!
ٽائيمر پيس جي بيل تي
صبح جو جاڳڻ ڪان وٺي
ٽرنڪولائيزر گوريون وٺي
رات جو سمهڻ تائين
مشيني ڪلن
۽ سائنسي ايجادن سهاري
جيان پيو
پر پوءِ بہ توکي ڏاڍو
مِس ڪيان پيو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## بيوفا نہ سمجھجان!

توکان موڪلائڻ وقت
دل چيو تہ
ٻہ لڙڪن اکڙين مان لاڙيان
ٻہ ھنجون ھنيئين مان ھاريان
ٻہ ڳوڙھا ڳلن تان ڳاڙيان
پر...
منھنجي اکين ۾ لڙڪ نہ ھئا،
منھنجي ھنيئين ۾ ھنجون نہ ھيون،
منھنجي ڳلن تي ڳوڙھا نہ ھئا،
منھنجون اکيون، ھنيئون ۽ ڳل
سڪي بيٺار بڻجي ويا ھئا
تون مون کي نہ روئندو ڏسي
بيوفا نہ سمجھجان!
بيوفا نہ سمجھجان!!
بيوفا نہ سمجھجان!!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# امن

اسان جي ڪلاشنڪوز
ايس ايم جيز
۽ ايل ايم جيز مان ٻي
لفظ پيا اوڳاڇجن
گل پيا تا پکڙجن
۽ هنن جي
قلم مان ٻي
گوليون ۽ راڪيٽ لانچر
پيا وسڪارجن!
ڪيئن امن ٿيندو هتي؟!!!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مضبوط مرڪز جي پريس ڪانفرنس

ٽين دنيا جي ڏتڙيل ۽ بکايل ملڪن ۾،
هٿيارن جي اناج جي گهرج شديد ٿي ويئي آ،
نار واري لڙائي،
افغان ڇڪتاڻ،
فلسطيني ڪشمڪش،
......................
سڄي دنيا ڄڻ جنگ جو ميدان آ،
هٿيارن جي ڏڪار جا آثار وڌي ويا آهن،
پر توهان بي اوٺا رهو،
بين الاقوامي امن جا بينر وهاڻي هيٺان رکي،
سفيد ڪبوترن جا پوسٽر ڊرائنگ رومن ۾ سجائي،
قومي شاعر علامہ اقبال جي شاعري پڙهو،
۽ ٽي وي تي ”قائد اعظم ني فرمايا“ ڏسو.
اسان ناناڻن وٽان جديد هٿيارن جو ٻج امپورٽ ڪرايو آ،
جن مان رڳو اسٽنگرز اينٽي ايئر ڪرافٽ ميزائلن جو ڪرشمو،
سپر پاور جي واپسي ۽ جنيوا ناهہ جي ڪامراني، توهان ڏٺي،
ڪهوٽا ڪان وني ڪشمور تائين
ٻج پوکجي چڪو آهي.
فوجي فرٽيلائيزرس جا ڀاڻ تہ رڳو،
اسان جي نسل جا فصل ٿي پلا اپائي تا سگهن!
ناناڻن جو چوڻ آ تہ،
هٿيارن جي ٻج جو فصل پلو وٺڻ لاءِ،
”ماڻهن“ جو ڀاڻ ڪارائتو آهي.
”اوجهڙي ڪئمپ“ ۾ ماڻهن جي قرباني،
رائگان نہ ويندي،
توهان ڏسجو!
جڏهن مضبوط مرڪز ۾ اهو فصل پچي راس ٿيو،
تڏهن بکايلن جا وات ڪيئن ٽا بند ٿين؟!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ديس جا رکوال

ٻہ ڪروڙ چھرن اسان جن تي
اي سنڌ ڌرتي
آھن تنھنجا نقشا چٽيل
جن کي اسان جي
ماکيءَ کان وڌ
منين مائرن
۽ محبوبائن
الائي ڪيترا دفعا آھہ چميو
۽ ھر پل، ھر گھڙيءَ
اسان جو ھر ھڪ آدرش
تن اڳيان آھہ نميو
اي منھنجا پيارا وطن!
اسان جي چھرن جا پنج ئي حواس
شاداب ڪن ٿا
جيون جي جند جي زمين
جيئن وھڪرا تنھنجا
آباد ڪن ٿا
ھيءَ سنڌ جي زمين!
تون اسان جي سڄاڻپ آھين او سنڌو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان پنهنجي ڇهرن تي
دهشتگرديءَ جون ڇپيون
پنهنجن جي اڀٽن جا پوندا
بوٽن جا نشان
۽ سهي ڪيئن سگهنداسين؟
ڌارين مفادن جي گولين جا گهاوَ!
اسين پاڻ پنهنجي سڄاڻپ جا رکوال آهيون!
نين بندشن ۽ ڏيمن جا ڪرفيو
نون نالن ۽ نعرن جي شيلنگ
۽ جمهوريت جي فائرنگ!
او ڪانئرو!
اسان جي راهن ۾ ڪنڊا ته آهن
پر!
اسان پنهنجي انمول امڙين- جيجلن
۽ پيارين پريمڪائن جي
ڇهرين ڇمين جو
ڄاڻون ٿا تقدس!
اسان پنهنجي ريتن، روايتن
۽ رعايتن جا زنجير ٽوڙي
پيرين اگهاڙي!
خلوص ۽ سچائيءَ مان اجرڪ پسائي
ٻڌيءَ جون بليٽ پروف جيڪيٽس پائي
توهان جي فائرنگ اسڪواڊن جي سامهون
توهان جون سموريون پابنديون ٽوڙي
اسين پاڻ پنهنجي
ديس جي سرحدن جي حفاظت جي ڪارڻ
جڏهن نڪرنداسين تڏهن توهان
اسان جو ڪجهه بگاڙي نه سگهندو!
اسين ديس پنهنجي جا لڄپال آهيون
اسين پاڻ پنهنجي سڄاڻپ جا رکوال آهيون!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اڄ نہ سياڻ

اڄ نہ سياڻ! ها سياڻ!
اڄ!
ڏينهن تو صدا ڪري
۽ رات تي ادا ڪري
تہ گل اهو اتي رهي
ان ڏانهن وڌندڙ هٿ اهي
رڪجي پون، ٻيهي رهن
۽ موٽ ڏئي، ڌهڪائيندڙ جي ڏيل ۾
هوڙهين سان هڪ هڪاٽيءَ واسطي
آتما جي آشتيءَ جي ڪارڻي
رائيفل جي ٽريگر ڏي وڌن!
سياڻ!
سڳنڌ ڀري سرهي فضا ۾
خون پنهنجي مان ڦٽل
گلاب جو ڪو لال گل
پريتما ڪنهن جي هٿن سان سو پٽيل!
پريميءَ جي ڪوٽ ڪالر تي لڳل
ڪيڏو پو اي دوست!
سو گل سونهندو
اڄ واري جي بنسبت!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مون کي اڳ ۾ سُڌ نہ هئي

ڦڙ ڦڙ مينهن وسي ٿو پيو
۽ ڦڙي واڏائي ڏئي ٿي
منهنجي سالگره موقعي تي
گيت آلاپن پيا هي وڻ ٽڻ
لهرون مون کي لوڏن پيون ٿيون
ڊانس ڪن پيا ٿا هي گل پن
منهنجي سالگره موقعي تي
لوڪ تہ ساري جو غم ناهي
تنهنجو! تنهنجو! تنهنجو غم آ
مون کي اڳ ۾ سڌ نہ هئي ڪا
رستن جي دوريءَ جي ڪارڻ
ماڳن جي مَنجهہ جي ڪارڻ
رشتا ٻي ٻلجي ويندا هن؟! تون
موقعا ٻي ٻلجي ويندا هن؟! ني
نون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تاريخ جي بيل گاڏي

وقت جي دڳ تي تاريخ رڙهي رهي آهي بيل گاڏيءَ جيان
چنڊ تي پهچڻ ڪو مسئلو ڪونهي، مريخ تي به پهچي سگهجي ٿو
پر پنج هزار سالن تائين جيئن بيل گاڏيءَ کي ڪو
بريڪ نه وجهي سگهيو آ
ابد کان ازل تائين تاريخ کي به ڪو روڪي نٿو سگهي
ٻئي رڙهنديون رهنديون مارڳ ڏانهن
۽ هر مارڳ پنيان هڪ نئون مارڳ هوندو آ
تاريخ جي بيل گاڏي رڙهي رهي آهي
گهيچڪ گهيچڪ گهيئون گهيئون جي ڌن تي
۽ ننڍڙو ڪتنب متانئس ڳائي پيو ٿو
"هور وهيوڙي هور، هور وهيوڙي هور"
۽ وقت جي ان سَرائين دڳ تي، جڏهن ۽ جتي ڀي ڪا
رڪاوٽ پيدا ڪئي وئي آ، تڏهن
تاريخ گاڏيءَ جي پهچڻ اتي سان
نه آلاپ رهندو آ ساڳيو، نه ورلاپ، نه ڌن سا
نئين ڌن ۽ نئون ڪو آ، آلاپ ٿيندو
۽ جهٽڪي کان پوءِ
(جهٽڪي ۾ ڪجهه ڪوئڻ/پائڻ فطري ڳالهه آ)
وري ساڳي ڌن تي ۽ ساڳي ٿي گيت تي
وقت جي دڳ تي تاريخ رڙهندي رهندي آ بيل گاڏيءَ جيان.

تون
ئي
تون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سالگره واڌايون

وصل جي آشا رکي من ۾
ويوڳ جي صحرا، پٽڪندي پٽڪندي
زندگيءَ جا ويهه سال گذاريا اٿئي
پيرين پيادل ويهه ميل سفر ڪيو اٿئي
نرمل ۽ ڪومل هٿن سان ويهه ٽڪر ٽاڪيا اٿئي
ويهه ڏونگر ڏاريا اٿئي
ان دوران مون کي احساس آ
پنهنجي پيڙائن کان ويندي
ڪائنات جي هر ذري جي پيڙا پوڳي هوندئي
۽ تي سگهي ٿو تہ
هاڻي ڏينهن ڏکيا گذرندا هجنئي
راتيون روئندي گذرنديون هجنئي
هٿن ۾ لڦون پئجي ويون هجنئي
اداسيءَ کان ويندي مايوسيءَ جي حد کي
وڃي ڇهيو هجئي
پر!!
مايوسي روا نہ آهي
”ويندا لڙ لهي ٿينديون اکيون اکين جهڙيون“
ويوڳ جا پل بہ ڪٽجي ويندا ۽
ضرور وصل ٿيندو تنهنجو منهنجو
۽ پوءِ گڏجي سمورن دکن کي منهن ڏينداسين
ويهہ سال دکن جا ڪاٽي
ايڪيهين سال ۾ قدم رکڻ تي مون پاران
تنهنجي همت کي داد ۽ اتساهہ
اميد ۽ آشا
سالگره ڏڻ تي انيڪ واڌايون
او منهنجا همزاد
او منهنجا جاني!

تون
ئي
تون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# بيوفا نہ سمجھجان

توکان موڪلائڻ ويل
دل چيو
ٻہ لڙڪ اکڙين مان لاڙيان
ٻہ ڳوڙھا ڳلن تان ڳاڙيان
ٻہ هنجون هيئين مان هاريان
پر
منهنجي اکين ۾ لڙڪ نہ ها
منهنجي ڳلن تي ڳوڙھا نہ ها
منهنجي هيئن ۾ هنجون نہ هيون
تون مون کي
روئندو نہ ڏسي
بيوفا نہ سمجھجان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# امن شهر جا مورچا هلي سنپاليون

وري اڄ ٿي ڪويل جي ڪا ڪوڪ آلاپجي
وري ڪوئي ٻيرو گهه گهوگهو ڪندو
۽ انهن جي ئي ورلاپ ۾
هي ماڻهو سيئي چوندا
”اوم شانتي اوم - اوم شانتي اوم!“
اتو! تہ ستيارو پاڻ
دعائن سان گڏ
هٿن منجهہ هٿيار کڻي
امن شهر جا مورچا هلي سنپاليون.

تون
ئي
تون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# وسڪيءَ جي بوتل ۾

تنهنجون ادائون
تنهنجون وفائون
تنهنجون نگاهون
تنهنجي ٻانهن جي چوڙين جون ڇڻڪارون
تنهنجي پيرن جي پايل جي گهنگهرن جي
ڇَنَنَ ڇَنَنَ ڇَنِ ڇَنِ- ڇَنَنَ ڇَنَنَ ڇَنِ ڇَنِ،
تنهنجون مسڪراهٽون
تنهنجي رخسارن جي خوشبو
ڇا ڇا نه آهي هن وسڪيءَ جي بوتل ۾
جي سچ پڇين ته مٺي!
زندگي آهي منجهس
پر اهو سچو سپنو آ
حقيقت ڪانهي!
ڏک رڳو اهو آ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# چمچڙ جي آشا ۾

اڙي! سونهن ديوي
سالن جو تہ حساب نہ آهي
صدين کان
ها! جڳن کان
هي منهنجا ڪنوارا ڪنوارا چپ
ڪومل ڪومل نيڻ
هي گلابي گلابي ڳل
چمچڙ جي آشا رکي من ۾
سڪي ٺوٺ ٿي ويا آهن
آءُ! چهنٽي وڄ
مان تنهنجي من آڱڻ تي اچي نميو آهيان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جيون

بس!
جيون!
لمحو لمحو
پلڪ پلڪ
گھڙي گھڙي
جهٽ جهٽ
سيڪنڊ سيڪنڊ
منٽ منٽ
ڪلاڪ ڪلاڪ
پهر پهر
ڏينهن ڏينهن
رات رات
هفتو هفتو
مهينو مهينو
۽ سال سال
جي ڏاڪڻ سهاري
گذري ٿو پيو
رڙهي ٿو پيو
ڊوڙي ٿو پيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اسان ڪڏهن مري نہ سگهنداسين

مان هان جنم جنم جيئرو
تون ٿو ڦولهين قبرستان
ڪالهہ هو منهنجو لاش لَٽيو تو
اڄ مان سو جيئرو ٿيو آهيان
پوريندين جي اڄ وري
سياڻ ۾ باقي دير نہ آ
مان مرندو رهندس
تون ماريندو رهندين
تون پوريندو رهندين
مان جمندو رهندس
اسان ڪڏهن مري نہ سگهنداسين
اسان تہ جيئرا رهنداسين
۽ ملندا رهنداسين منزلن سان
تون قبرستان ۾ نہ
ئي
تون ڪٿي وسنديءَ ۾
جتي تون بہ اسان کي پَسي سگهين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تنهنجي پيار جي پاپ نگر ۾

تنهنجي پيار جي
پاپ نگر ۾
رات سڄي مان
رلندي رلندي
رئندي رئندي
جاڳان ٿو ۽ جاڳي ٿي ٿو
سپنا ڏسان!
تنهنجي منهنجي محبت جي
اقرارن جا،
جي تو ۽ مون
ڪيا هئا
ڪوهه جي ڪپ تي
نم جي وڻ هينان
پر!
اڄ ته اهو ساڳيو ئي
نم جو وڻ به سڪي ويو آهي
تنهنجي منهنجي پيار جيان!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سلائيڊس

منهنجي جسم جي
سموري رت جا
سلائيڊس ناهي
مائيڪرو اسڪوپ ذريعي
ڪو ٻيي تخليقڪار
تجرباتي طور تي
ٽيسٽ ڪندو ته
هر ريڊ بلڊ ڪارپلس ۾
هر وائيٽ بلڊ ڪارپلس ۾
۽ هر پليٽيليٽس ۾
تنهنجي چهري جو ڪيس
اسڪيچ نظر ايندو.

# هن لاءِ ٻيو ڪو تہ رنو هو

لڙڪ نہ اگهہ تون
منهنجي ڳلن تان
لڙڪ نہ اگهہ
ڇو جو
من! اهي ئي لڙڪ
ڳل ڪندر تي
ڪجهہ نشان
ڇڏي وڃن جيئن
جڏهين هوءَ اچي
انهن ڪندرن کي ڏسي/چمي
تہ ڄاڻي سگهي تہ
هن لاءِ ٻيو
ڪو تہ رنو هو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هوا ڪجهه به ناهي

هوا!
جي سامهون
تنهنجي فليٽ جي
ان دريءَ جي
اجرڪ وانگر
جهرمٽ جهرمٽ
پردي کي لهرن سان
نه لوڏي
۽!
تنهنجي مک تي
وِٽڙيل وارن کي
جهوٽن سان
جهنجهوڙي نه!
ته سرءَ سُنهن
هوا ڪجهه به ناهي!
هوا ڪجهه به ناهي!!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جڳن تائين جئي سگهندس

ڪو بہ نہ جئي سگهي ٿو
آڪسيجن بنان
پر خلا مان سموري آڪسيجن
ختم ڪرڻ پڇاڻان
ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ تي بہ
جئي سگهندس مان!
جڳن تائين
ڇو تہ
تنهنجي بت جي اندران
وري آئي هوندي جو
اها ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ
خلا ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# آخري ڪسِ، آخري ڪَشُ

ٻن آڱرين ۾ نہ جهلجندڙ
سگريٽ کي
اڱوٺي جي سهاري سان جهلي
ڏڪندڙ هٿ
چپن تي آڻي!
ڪمان ۾ چڙهي تير پيو
تير ڇٽو
دونهين ۾ گم ٿي ويا سپئي!
زخمي زخمي چهرا ٿي ويا
ڪو بہ نہ ڪنهن کي ڏسي سگهيو ٿي!
ڪو بہ نہ ڪنهن کي پسي سگهيو ٿي!
چپ لاليءَ کي
سگريٽ ٻَگل تي
آخري ڪسِ هئي
آخري ڪَش هو
سگريٽ جي فلٽر آڏو
مونوگرام بہ جلي ويو
منهنجي جيءَ جيان.

تون ئي تون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# آءُ تہ وِڇڙي هڪ ٻئي کان

اڄ تائين گڏ رهيا آهيون
مرڪيا آهيون
سوچيندا هيئون
جيون ڪنڊ پتاشو آهي
آءُ تہ وِڇڙي هڪ ٻئي کان
دود ڏڪائي
هر ڪو پنهنجي منهن سوچي پوءِ
وِڇڙڻ سان آخر ڇا ٿئي ٿو؟
جيون ڇا هي؟!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تنهنجو نالو

دل جي پڪي ۽ پختي
پٿر تي جو تو
پيار تيشيءَ سان
پنهنجو نالو لکيو
سو نہ ڪنهن متر ڪي سان
نہ ئي پاڻيءَ جي ڦڙي ڦڙي ڪِرڻ سان
ڪڏهن ڊهي ٿو سگهي
پر جي ڏٺي نہ ڪري پر!
ڊنو بہ تہ
پڪ ڄاڻج!

تون
ئي
تون


ذهن منتشر ٿي ويندو ان ويل منهنجو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# روح جي رشتن جو ڪو بہ عنوان نہ آهي ٿيندو

تون مون تي ويساهہ رکين جي!
مڪ پنهنجي تي مرڪ پکيڙي
سرهاين کي ياڪر پائي
ساري الجهن ساري دک کي
من جي آڳنڊ منجهہ سهيڙي
باڪس جي هڪڙي تيليءَ سان
تن کي ساڙي، منهنجو هي سگريٽ دکائي
تيليءَ کي سينڊل هينان چيپاٽي ڇڏ تون!
۽ پوءِ منهنجي خواهش خاطر
مون کي پنهنجو ساٿي سمجهي
مون سان هڪڙو عهد ڪندينءَ تون؟!
من آڳر تي سرهائيءَ جو بوٽو پوکي
پنهنجي جيون کي جيئندينءَ تون؟
هان؟!!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪو بہ بيوفا نہ آهي

مان! جو قائل آهيان تہ
"جيئن هر ماڻهو آزاد ڄائو آ
ائين ان کي آزاد رهڻ جو حق آهي."
سو مان ڪيئن چوندس تہ "تون بي وفا آن!"
"بيوفا" تہ جاگيرداري دور جي پريمين جو
آخري هٿڪندو/طعنو/گار هئي
۽ مان تہ ڄاڻان ٿو تہ
"پيار ذهني هم آهنگيءَ جو نانءُ آ."
تنهنجي مون سان ذهني هم آهنگي نہ ٿي سگهي
تہ توکي جدا ٿيڻ جو حق آ
ڪو ڪنهن جو نہ نوڪر آ نہ ٻانهو
ان ڪري ڪو بہ بيوفا نہ آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٻهاري ۽ چوڙين جي مڌر آوازن جي سنگم تي

هي تنهنجو گهر!
من ڪمري جي ڳاڙهن ۽ ٽيئرن تي اداسيءَ جو چارو
ذهن جي صحن تي ٿوهر جي وياڪلتا
سناٽو، سناٽو، سناٽو!!!
هي تنهنجو گهر
هيءَ تنهنجي زندگي!
چوويهه ئي ڪلاڪ ڇڻ اگهور ننڊ ۾ ستل!
چار پتيون، هڪ ڇت ۽ ڪجهه ٽڪرو ڌرتيءَ جو
مون وٽ بہ آهي، هڪ گهر
جڏهن آسمان تي ڪڙندو آ وهائو تارو
ڪويلن جي ڪوڪڻ ۽ سج ڪني ڪڍڻ ڪان پهريائين
گهر اڱر منجهان
ٻهاري ۽ چوڙين جي مڌر آوازن جي سنگم تي
جاڳي پوندي آ منهنجي زندگي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ناهڻ اوکو، ڏاهڻ سولو

بس جي دريءَ مان
هوا جي اوچتي
جهوٽي لڳڻ سان
وارن جي سيٽنگ ڊهي وئي!
هاڻ سڌ پئي!
ناهڻ ڪيڏو اوکو آهي
ڏاهڻ ڪيڏو سولو آهي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# آشائن جو گلدستو

آشائن جو گلدستو
هٿ منجهان
پٽ تي ڪريو
گلدان ٽٽي پيو
گل گل ٿي ويو گلدستو
پن پن ٻٽجي سيئي گل
وکري ويا
من فرشَ تي.
ذات سمهي پيئي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# زندگيءَ جي ڪڙي اگري وسڪي

آ تہ زندگيءَ جي
ڪڙي اگري وسڪيءَ ڪي
گلاس ۾ اوتي
نيڻ نيٽن سان
پاڻ منجھہ ٽڪرائي
مايوسيءَ جي وات ۾ اوتي
فرسٽيڊ ذهن کي
ڪجھہ گھڙيون تہ
سڪون ڏيون!




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# چئوطرف، چوڌسا تون ئي تون

مون ذرتيءَ ڏانهن ڏٺو
توکي پسيو
مون آڪاش ڏانهن ڏٺو
توکي پسيو
مون خلا ۾ گهوري ڏٺو
توکي پسيو
۽ بئي لمحي جڏهن مون
اکيون ٻوٽي ڇڏيون
تڏهن به مون کي تون ئي تون نظر آئينءَ!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تڏهن تہ تارا برسڻ لڳا هن

گهنگهور گهٽا جي
رُت نہ آ
آڪاش تي ڪو
بادل بہ نہ آ
ڪو تہ ايندو هوندو اسانِ ڏي پيي
تڏهن تہ
تارا برسڻ لڳا هـنِ!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پريم ٻوٽو

دل جي ڌرتي
نوٽ تي وئي هئي
تون جو بادل
ترسي پئين
۽ برسي پئين
من جي ڪيٽريل
ڌرتيءَ تي
اڇليل ٻيجو
ڌرتيءَ جو
سينو چيري
ڦٽي پيو
پريم ٻوٽو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# گيتن جي ماڙي

هيءَ گيتن جي ماڙي
خيالن بلاڪن تي جوڙي
تون ڪئي راس آهي
ئي مون تو لئه پرين!
تون
تو لئه پرين!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جذبن جون ڏياتيون

آءُ جذبن جي
ڏياتين منجهان
آڳ ٻاري
آمر ذهنن جي
سوچنَ کي ساڙي
ڪري رک ڇڏيون!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تنهنجو تصور

ڳڳهه انڌاري
رات ڪاريءَ ۾
روشنيءَ جي ڪرڻ سان
وهنجي ويو
منهنجو ڪمرو
اوچتو هي
ڪنهنجو تصور اچي ويو؟

تون
ئي
تون


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# دل جي Call bell

ننڊ ديويءَ
پنهنجي هنج ۾
سپنن جون ڪي لوڪ ڪٿائون ٻڌائيندي
ڇڏيو سمهاري
پر هي اوچتو!
دل جي Call bellڪنهن وڄائي
جو ڇرڪي، اٿي
۽ روئي پيس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# خالي جهولي، ڀريل جهولي

آئون تہ
پيار جو جهول ڀري
نڪتو هئس
ونڊڻ/ورڇڻ
۽ جڏهن موٽيو هان
تہ هي خالي جهول ۾
هيڏيون نفرتون!
وريُ بہ تنهنجا احسان
۽ مهربانيون!!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ظفر جو گيت

وري اڄ ٿي ڏرتي ڏبي
۽ آڪاش لرزي
وري اڄ ٿو پڪ ساڻ
ظفر جو ڪو گيت آلاپجي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شايد

اوهان کي
ڪنهن ڪويءَ جي
ڪرڪڻ جي پرواهه ناهي!
اوهان پو تہ شايد
انسان ناهيو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مان ڇڻ آهيان تئُو ڪوئي

مان ڇڻ آهيان
تئُو ڪوئي
جلندوَ بہ رهان
ڪلندو بہ رهان!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## جذبي بن تخليق

58

جذبي
بن تخليق
اِئين جيئن
ساهہ بنان
کو بوتو!

تون
ئي
تون

# منهنجي خوشنصيبي

مون کي تڙپائڻ منجهان
لطف ملي ٿو جي توکي
تہ منهنجا جاني
مان تہ پوءِ بہ
خوشنصيب آهيان!




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ذات منڌيئڙو ناهي

تون ذات منڌيئڙو ناهي
ٿي جنهن سان
تون
60 دال رڌيان مان ويهي!

# سندر سنجها لڙي وئي ٻـَڙي وو

جڏهن نيڻ سورج جي آڏو
هي رخسار تنهنجا
ها لٽڪي پيا
تڏهن پڪ چاتو هو مون تہ
سندر سنجها تڏ
لڙي وَئي
ٻڙي وو!!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪني آهين ڏاڍي ڪا

سوچن منجهہ سجاڳيءَ ۾
۽ ننڊ ۾ سپنن روپ وٺي
نہ جاڳڻ تي ڏين
نہ سمهڻ تي ڏين!
ڪنَي آهين ڏاڍي ڪا!
62 ايڏي ياد ڇو ايندي آن؟!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# توکي حاصل ڪرڻ

توکي حاصل ڪرڻ
چڙهڻ
بورڊ آف انٽرميڊيئيٽ اينڊ
سيڪنڊري ايڊيوڪيشن سکر جي
انٽر ڪيمسٽري
پيپر ۾ پاس ٿيڻ - رڳو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اف! پوءِ بہ تنهايون!

هي جڳ مڳ جڳ مڳ تارا
هي چانڊوڪيون
۽ هوائن جون ٿڌڙيون ٿڌڙيون
هي لرزشون
پنهنجي ساهن جون
مڌر هي آهٽون
....
تون
....
ئي
....
تون
اف پوءِ بہ تنهايون!!!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سج بہ موڪلائي پيو ۽.....

وجان ٿو ڏور
گهڻو ڏور
ٻي ڪنهن وستيءَ ۾
نما شام جو
هي سج بہ موڪلائي پيو
۽
اڄان بہ تون آهين جا
چپ ڪيو
ويٺي آن!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## اسان اي دوست جيئون پيا اجان بہ هن زماني ۾

توهان جي گهر جي
ڪنهن ٻارڙي کي ڏسي
مرڪي ۽ ٿورو پيار ڪري
اسان اي دوست!
جيئون پيا
اجان بہ هن زماني ۾!!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اڌُورو پورٽريٽ

پهرين نظر منجهه
توکي ڏسڻ سان
جڏهن ڪان آ مون
توکي چاهي وڌو
تڏهن ڪان وٺي
پنهنجو اڻ پورو پورٽريٽ
نہ آهيان ناهي سگهيو
الائجي ڇو؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٿوهر جو وڻ

توبن پيارا
مان ائين ڇڻ
ويرانيءَ ۾
تنها تنها
ٿوهر جو
68 ڪو وڻ!

ٿون
ٿي
ٿون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# بجلي

تون ڪرنٽ جي تار
مان ارٿ جي تار
ملون ٿا جڏهن
سئيچ آن ڪرڻ سان
ٻري ٿو پَوي
روشن بلب!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## منهنجي چاهت ڪنواري ڇوڪرا!

تون منهنجي چاهت ڪنواري ڇوڪرِ!
ني هر ڪِنهن ماڻهوءَ ۾
تون تس اڪ!

# تنهنجي ياد ڳيڙي

هر رات
تنهنجي ياد
ڳيڙيءَ جيان
اچي
مون کي
تڙپائيندي آ!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# آشا

کاش! مان
دل جي گهراين منجهہ
ڪتڪتايون ڪري
حقيقي مرڪ
سموري لوڪ جي
مک تي سجائي سگهان!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اڙي ننڊ ديوي

اڙي ننڊ ديوي
هلي وڃ هتان!
ڏور
ڪاڏي هلي وڃ!
اسان اڄ الائي ڇو
جاڳڻ ٿا چاهيون!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هڪ ياد ڪنييءَ وانگيان

تون ڇڏي هلي وئينءَ
ان ڏهاڙي
هڪ ياد
ڪنييءَ وانگيان
ڦٽي دل مان
بئي ڏينهن
جوان ٿي
۽ ٽئين ڏينهن
مرجهائجي وئي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مان اڪيلو هجان

جنهن ويل فضا ۾ راڳ جو
ماحول ٿئي طاري
هوائون زور سان نچن ۽ جهومن
موسيقي بادل وڄائن
۽ ڪنوڻ گٽار
اندلٺ ديوي جهومي ڳائي
ڪو اهڙو راڳ
جو زندگي احساس مان
تڙپي پوي، روئي پوي
سڏڪي پوي
روئي روئي
ڪلي پوي!
ان سمي ۽ ان ويل
هن شهرڪان ڏور ڏور
ڪنهن شاهہ بلوط جي وڻ هينان وينل
تون نہ هجين
مان اڪيلو هجان
مان اڪيلو هجان!!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## اڄ جي ملين تون

ڏينهن ڏکن جا گيت نہ ڳائي
رات نہ روئي!
ڏات نہ روئي!!
ذات نہ روئي!!!
پرھ ڦٽي پيي لڙڪ نہ لاڙي
ٿاڪ منجهند پيي تير نہ ماري
دل ھيءَ منهنجي هار نہ کائي
من پيي اڄ مضبوط رهي
ڪويل اڄ ھيءَ لات نہ ڳائي
اڄ جہ ملين تون!!




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# منهنجي سالگرهہ جو ڏڻ

اڄ! منهنجي سالگرهہ جو ڏڻ آ
ڪنهن کي بہ سڌ نہ جڻ آهي
انيڪ ماڻهن جي هن وستيءَ ۾
ڪو هڪ بہ ماڻهو اهڙو ڪونهي جو
اٺويهن سالن جو ڏونگر ڏارڻ ڪانپوءِ
اٺويهن ميلن جي پيرين پنڌ،
اڻانگن رستن تان سختيون سهي،
ميل جي پٿر تي پهچڻ تي
۽ اٺويهن لهرن ۾ جهاڳ/لڙهڻ ڪانپوءِ
نيستو ۽ بي سڌ، بي حواس ۽ بي حس
اداس ۽ مايوس تي ويل مون کي!
پل ڪن لاءِ ئي اتساهي.
ٻانهن ڳلي ۾ ياڪر پائي،
ائين چوي ڪو.
مڙسن تي مهلون ايندديون هن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات غمن جي ڪٽڻي آهي.
سياڻ پرهه جيڪا ڦٽندي سا
ممڪن آهي
تو لئه ڪو سنديشو آڻي
خزان جي شام به بهار ماڻي
گذريل سال تحفو ڏيندي تو
ائين چيو هو
”18 سال دکن جا ڪاٽي اچڻ تي مون پاران داد واڌائي!
ائين به چيو هيئي!
”حالتون رهن نه رهن، مون کي هر پل گڏ پائج،
تصور ۾ جيڪو چاهيئه سو سات ڏينديسانءِ!“
۽ اڄ! اڄ جڏهن،
بهار جي هن موسم ۾ سيني ماڻهن کي
خزان چڏيو آهي، چاڻي تڏ
تصور ئي تصور ۾ مرڪ چپن تي آڻي، سامهون
طرحين طرحين گلن تي جهومندو پسي
هوا کي سازن ۽ آوازن جا لهرا ڳائيندو ڏسي
پکين کي گيت ڳائيندو پائي
جهڙ کي ڦڙ ڦڙ وسائيندو ڏسي
ڪيڙا پچائيندي خوش ٿيان تو ته ڪائنات جي هر شئي ”تون“ ٿي پڄي،
مون کي اتساهي رهي آهين، بقايا زندگيءَ جا عذاب پوڳڻ لاءِ!
پر اوچتو هيءَ خوشيءَ جي هيانءَ م ٻرچي
مسرتن جي سيني ۾ ڪانُ!
ڪتي ائين نه ناهي نه تون!
پريتما نه پر
دنيا جي وڏي ۾ وڏي فلاسافر آهين!

# پوسات/نيوٽران بم جي خالق ذانمن

او احمق
او نادان
سائنسدان!
سائنس سک رسائيندي آ
ان مـَتـي کـي موڙي تو
پنهنجو ذاتي ورثو سمجهي
ڏکن خاطر قـولهيو تو جو،
نيوٽران جو فارمولو
ان کان اڳ ڪجهه سوچيو هيئہ!
ءِ تو ڪجهه سمجهيو هئو
اسان تہ جڳ جڳ
فتني فساد جا رهيا آهيون مخالف
اسان تہ ڏهن بہ توکان پڇيو هو.
جڏهن تو بندوق ناهي
تو پستول ناهيو
روالور جوڙيو
ءِ رائيفل بہ ناهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان تہ تڏهن بہ توکان پڇيو هو
جڏهن اسٽينڊ گن کان اڳتي وڌي
دستي بم ٽائيم بم، ناهيئي
۽ تو جواب ڏنو
Safetyڪارڻ
اسان في الحال تہ چپ  ٿي ويا هئاسين پر
وري جڏهن تو
ايٽم بم جوڙيو
اسان هو تڏهن بہ توکان ڪارڻ پڇيو.
۽ تو جواب بدران
ناهي وڏو نيوٽران بم
۽ چيئہ
ايٽم بم سان جڳهون بہ ختم ٿي وينديون
ملڪيتون پي ٿي وينديون ناس.
ان ڪري مون ناهيو آهي بوساٽ بم.
جنهن ۾ ڪو نقصان نہ ٿيندو
ڪا جاءِ نہ ڍهندي
ڪا ملڪيت نہ دفنائبي.
بس! رڳو ماڻهو مري ويندا
(انهن جا وارث)
او احمق!
جايون جڳهيون ۽ ملڪيت
اُتم آهن انسان کان؟
حيف اٿئي ڙي حيف اٿئي
ماڻهوءَ مُلهہ نہ ڄاتئي!
ماڻهوءَ مانُ نہ ڄاتئي! تون
ماڻهوءَ شانُ نہ ڄاتئي! ئي
تون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پنهنجو نينهن نيائي ڇڏيون

هار ۽ جيت جي وچ ۾
جنگ لڳي وئي آ
اڄ جو ڏينهن پڇاڙيءَ جو آ
يا هار جو يا جيت جو!
سچ ۽ ڪوڙ جي وچ ۾
جنگ لڳي وئي آهي.
اڄ جو ڏينهن پڇاڙيءَ جو آ
يا سچ جو يا ڪوڙ جو!
زندگيءَ ۽ موت جي وچ ۾
جنگ لڳي وئي آ
اڄ جو ڏينهن پڇاڙيءَ جو آ
يا زندگيءَ جو يا موت جو!
اچو تہ دوستو! ويهن ئي ننهن جو زور ڏئي،
هار، ڪوڙ ۽ موت کي مات ڪيون.
جيت، زندگيءَ ۽ سچ جي سوب لئہ
سر ترِيءَ تي رکي
ڪنڌ اڏيءَ تي رکي،
پنهنجو پاڻ ملهائي ڇڏيون.
پنهنجو نينهن نيائي ڇڏيون.
بي زندگي ملي نہ ملي.
هيءَ زندگي تہ ماڻي ڇڏيون!

تون
ئي
تون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جذبي کي زندان ڪندو ڇا؟!

منهنجي منزل پري پري آ
جاتي ڪوبي چارو ناهي.
جاتي ڪوئي پيرو ناهي.
رستو ناهي، راهه بہ ناهي.
روڊ بہ ناهي، بس بہ ناهي.
لاري يا ڪا ويگن ناهي.
موٽر ۽ ڪا ڪار بہ ناهي.
پٿر پٿر راهه اتان جي!
ڪنڊا ڪنڊا رستو تنهنجو،
پوبي ڏس مان يار وڃان ٿو.
دشمن سان مان وڙهان پيو ٿو.
بس مون وٽ هڪ جذبو آهي.
جذبي سان گڏ جانِ بہ آهي.
ڇا ٿي پيو جي روڊَ نہ آهي.
لاري بس يا ويگن ناهي.
موٽر يا ڪا ڪار نہ آهي،
پيرو ناهي چارو ناهي،
ڇا ٿي پيو جي انڌارو آهي
رستو ۽ ڪا راهه بہ ناهي،
پٿر، ڪنڊا، هن وڃايل.
پو بي ڏس مان وڃان پيو ٿو.
ريڙهين پر مان رڙهان پيو ٿو.
پنهنجي منزل ڏانهن وڃان پيو.
منهنجي منزل پياري منزل،
هيڏيون سختيون راهن ۾ پر
پوبي ڏس مان وڃان پيو ٿو
تون بس مون وٽ هڪ جذبو آهي
ئي جذبو، جذبو، جذبو آهي
تون جذبي کي زندان ڪندو ڇا؟
جذبي کي طوفان ڪندو ڇا؟؟

# ڏات

ڏات ڏکن جو ڏيهہ بہ آهي
ڏات سکن جي سيج بہ آهي،
ڏات ڪا محبوبا ئي آهي
ڏات ڪنواري ڇوڪرِ ئي آ
ڏات غمن جو ناڻُ بہ آهي
ڏات تہ ٽڙيل ٽهڪ بہ آهي
ڏات منجهند ڪا تاڪ بہ آهي
ڏات ڪا لڙندڙ شام بہ آهي
ڏات اجايل هرڻي ئي آ
ڏات ڪا ويران صحرا ئي آ
توکي ڪهڙي سڌ ظفر!
ڏات هتي تہ تياس، بہ آهي!

تون
ئي
تون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪوڙو پيار

محفلن مان اوچتو ئي اوچتو
ٿهڪن، ٽرڄن، ٻوڳن وچ مان
ڪوئجي وڃڻ / گم ٿي وڃڻ
يا رات جو اڪثر ڪري
ننڊ ئي ننڊ ۾
هٿ هڪڙو، پنهنجي ئي
ٻئي هٿ مٿاران رکڻ
سرڪائي ٿورو زور ڏئي
ڇپن تي آڻي
چمي ڏيڻ
مرڪي پوڻ
۽ اوچتو ئي اوچتو
ٽرڪي پوڻ
جاڳي پوڻ
روئي ڏيڻ!
منهنجو توسان اهو پيار مني!
جي ڇئين ٿي تہ شايد
ڪوڙو ئي هوندو!!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سونهن نگر جي شهزادي

اوِ سونهن ننگر جي شهزادي
آ- رات اسان وٽ اچ
تہ پوءِ هيءَ
ڏات جي ديوي رقص ڪري
نہ تہ ڏات جي پايل
گهائي پئي آ
ڪَـنجي وئي
لوڪ تماشو ديکڻ ڪارڻ
اُپپيرو هي بينو آهي!
چنڊ ستارا
قاتل پوتيون
چچريل چوليون اوڍي!
نيڻن ۾ آشا جو ڪاجل
پائي پيا تا گهورن
۽ سونهن نگر جي شهزادي
جي رات اسان وٽ ترسي پئينءَ
۽ ٿورو ٿورو مرڪي پئينءَ
تہ........؟
ڏات جي ديويءَ ساڻ ڪني
دونهاتيل هيءَ ڌرتي،
سج چنڊ تارا سيئي
پنهنجي دل جي دريا مان
مرڪ ڪٽورا پـُر ڪري
پيگ پيگ سان ٽڪرائي
نچندي نچندي پيئن/پيارن
۽ جهومي جهومي ڳائن!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# روشنيءَ ۾ نہ مل

روشنيءَ ۾ نہ مل
روشنيءَ ۾ جي ملينءَ
توکي مون کي گڏ ڏسي
ڪو شاعر
شعر چئي وجهندو!
روشنيءَ ۾ جي ملينءَ
تہ اسان جي،
جسمن جي پاڇن کي
پاڻ ۾
ملندو ڏسي
ڪو آرٽسٽ
چتر نہ ٺاهي وجهي!
ان ڪري روشنيءَ ۾ نہ مل
ان ڪري
اڄ نہ مل!
جو اڄ چنڊ آهي مٿي
وري ملجان جڏهن
هجي ڪا اماس رات
جو ڪو شاعر
اسان کي ملندو نہ ڏسي
ڪو شعر نہ چوي
ڪو چترڪار چتر نہ جوڙي
اسان جي پاڇن کي ڪوبہ
ملندو نہ ڏسي
اسان جي چپن کي
ڪو بہ چمندو نہ ڏسي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اڄ جا دودا

ڪلھ جي دودي
جنگ لڙي هئي
ننگن مٿان
نثار ٿيو هو.
ڌرتيءَ خاطر
پاڻ ڪٽيو هو.
پنهنجن جي لئہ
پاڻ پتوڙي!
غيرن جو هن
ڪنڌ ڪٽيو هو!
اڄ جا دودا!
چپ چو آهيو؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جيون رنگن جو ڪئنواس

رنگن جي آ راند
جيون رنگن جي آ راند.
هت ريتو رنگ
هُتَ پيلو رنگ
هُتَ سائو رنگ
هتَ نيرو رنگ
جڻ ڏيوي اندلٺ
جيون رنگن جي آ راند.
برش ڦري ٿو
رنگ وٺڙي ٿو
رنگ پکڙي ٿو.
۽ پوءِ هڪڙو رنگ نهي ٿو.
چوڏس ڪاري رات
هي جيون وصل ۽ ويو
هي جيون رنگن جي آ راند!
جيون رنگن جي آ راند!




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جي اڄ تي تون ملي پوين

هي پيگ جام هٿ منجهان
ڪري پوي، ٽٽي پوي،
سالن ڪان هٿ ۾ جهليل،
سگريٽ ٻيي سڙي پوي،
بيمار بستري تان دل!
اٿي پوي، نچي پوي!
ڪو راڳ ڳائجي پوي،
۽ ساز دل ڇڙي پوي،
هيءَ زندگي ٺڙي پوي،
۽ روشني ڪڙي پوي،
ڪو گيت پڻ جڙي پوي،
۽ سرد سوچ ذهن مان
ڪا آڳ تي ٻري پوي.
.......
.......
.......
.......
جي اڄ تي تون ملي پوين،
۽ تورڙو ڪلي پوين!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# گيت نئون ڪو

درد لڪايو، جهومو جهومو
ڳايو ڳايو، گيت نئون ڪو.
پنهنجي مک تي مرڪ سجايو،
ڳايو ڳايو، گيت نئون ڪو،
دل ديول مان دک هٽايو،
ڳايو ڳايو، گيت نئون ڪو.
نينهن لڳائي نيت نڀايو،
ڳايو ڳايو، گيت نئون ڪو
مرڪي مرڪي گيت ٻڌايو،
ڳايو ڳايو، گيت نئون ڪو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## خالي فريم

تو تہ چيو هو ....
”منهنجي تصوير جي جاءِ تي ڪا
بي تصوير اچي ويندئي!“
سوچيان ٿو تہ
پوءِ بہ هي فريم
اڃان ڇو خالي پيو آهي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٻڌجان تو

نانءُ تنهنجو تہ ڇا
پنهنجو بہ کو نہ ونبو هاڻي
متان اي دوست!
تمنا َنئين کا جاڳي پئي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڇا ڪيان؟

ڇئين ٽي ته
مڃان ٿو
مرد ڪي سونهين نه ٿو روئڻ
پر!
اڄ اوچتو ھي لڙڪ نيٺ لڙي پيا آهن!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪهڙيون شڪايتون؟

ڪنهن سان ڪيون
شڪايتون؟
نفرتون ئي نفرتون
نوڪرون ئي نوڪرون
آهن اسان جي ڀاڱي ۾!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# آءُ تہ سياڻي ٻيو ڏينهن ٿئي

جي
منهنجي وڇوڙي سان
توکي خوشيون ملن
تہ پوءِ آءُ تہ جاني!
سياڻ،
ٻيو ڏينهن ٿئي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# صلاح ڏي

ٻڌائي ڇڏ تہ
ڇا جواب ڏيان؟
پڇن ٿا :
”ٿهڪ ڪوڪلا ڇو اٿئي؟!“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## واعدن جي جواني

ٻڌ! هي ٻاراٽا واعدا
ٻارن جيان
جوان ٿي ويندا ٿئي!

تون
ئي
تون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# دوڪو

مون کي ڏيندو آهي دوڪو
هر هڪ خط،
ٽيليفون جي هر رنگ
۽ در جو هر ڪڙڪو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# امان جي شڪايت

”بس امان!
الائجي ڪهڙي
اڏوهي ڪائيندي تي وجي
ڇوڪرَ ڪي!“
ڪالهه امان پئي چيو
ٻاڙي وارن ڪي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٽي دوکا

مون سان پهريون دوکو، اهو ٿيو جو
ڄمڻ کان اڳ
مون کي پيدا ٿيڻ ويل چيو ويو تہ
هوءَ دنيا ڏاڍي خوبصورت اٿئي
۽ سڀ ڪجهہ تولاءِ بنايل آهي!
مون سان ٻيو دوکو ٻالجتيءَ ۾ امان ڪيو
منهنجي وات مان ٻُبِي ڪڍي
نپل ڏئي ڇڏيائين
۽ مون سان ٽيون دوکو، جوين ۾ ”هُن“ ڪيو،
جنهن،
مون کي سمجهندي بہ، غلط سمجهيو!
پوءِ بہ الائجي ڇو
تنهي اڳيان جهڪندو آهيان!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مشورو

بند دروازو روئي ڏئي
ڏسي توکي ۽ جي هي پيچرو
پڇئي منهنجو!
اکيون ٻوٽي
وڏو ٽهڪ ڏئي
ٽٽائي
وري رستو ئي
مٽائي ڇڏجان!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# واٽ ڏو يو مين؟

دل جي اٿاهه گهراين منجهان
اٿل ڪائي جڏهن به
تنهنجي ساراهه نڪتي آ
منهنجي چپن مان.
تڏهن تو چيو آ:
”مان انهن ڇوڪرين منجهان ناهيان
جي تعريف ٻڌي خوش ٿينديون هن
منهنجي دل رکڻ لاءِ
منهنجي ساراهه نه ڪندو ڪر!“
۽ جڏهن به حقيقت ڪي اڳيان رکي،
تو ۾ اصلاح ڪارڻ
سچ چيو آ مون
ڪا تنقيد ڪئي آ
تو وراڻيو آ
”مون ڪان اوڙر به اٿئي دنيا ۾
ڪوشش ڪر! ملي وينديئي اهڙي ڪا!“





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# قربت

هوءَ مون کي ڪيڏي عزيز آهي؟
تون ڄاڻين ٿي نہ!
مان هن ڪانسواءِ مري وڃان تہ
ڏوهہ هن کي نہ ڏجان
ڏوهہ
سونهن، سچائي ۽ پريم جو
ٿورئي هوندو آ؟!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## هاڻي مون کان گيت نہ لکبا!

منهنجي ذات ڏکوئي وئي آ
تون هاڻي!
ئي مون کان
تون گيت نہ لکبا!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ماڪ

جڏهن ٻه
هٿ ڪو ڳل ڇڙي ٿو
تنهن ويل هو ڏات ڏٽي
۽ هو لات ڏٽي
۽ نينهن ڏٽي
ٻنيرڪيءَ جو
ان ويلي
روئي وهي ٿو
ماڪَ جي ٻوند جي روپ ۾!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## موت کان پوءِ جي دعا

ڪائنات خالق
منهنجا ڌڻي
منهنجي مرتئي پڄاڻان
رڳو هڪ دعا آ تہ
پنهنجي ئي تخليق صدقي
جهٽ لاءِ مون کي
موڪل تہ ڏيجان
تہ منهنجي وڇوڙي تي روئندڙ
ماڻهوءَ ڳلن تان
مان ڳوڙها اگهي ڇان!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## جي ڪنهن جي به ڳل تان ڳوڙهو به ڪوئي ڪِريو

اي پرين! زندگيءَ ڪي موت ۾ مٽاءِ ڀلي
۽ روشنيءَ کي اونده هٿان ڪٽاءِ ڀلي
سک کي ڏک هٿان چوٽ پيو رساءِ ڀلي
آتما منهنجيءَ کي در در پيو رلاءِ ڀلي
دل کي دل جي هيري سان پيو ڪٽاءِ ڀلي
ڏيهه جي ذات کي پيو قيد تون ڪٽاءِ ڀلي
ياڳ جي قلم کي الٽو پيو هلاءِ ڀلي
سچ کي ڪوڙ جي ڪاري ۾ پيو لڪاءِ ڀلي
بئنگ ميوزڪ، مرتئي تي پيو وڄاءِ ڀلي
لوڪ پڇري ۽ تون ٺهڪ پيو لڳاءِ ڀلي
لوڪ کي نوٽ آڏو گروي تون رکاءِ ڀلي
هن پيٽ کي تون بک پيو ڪاراءِ ڀلي
پر!!!
جي ڪنهنجي به ڳل تان ڳوڙهو به ڪوئي ڪِريو
۽ ڪنهنجي به مک تان مرڪ جي ڪسي تو
ته پوءِ ياد رکجان
تون منهنجو صنم نه آهين!
منهنجو صنم نه آهين!!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نيت

نيت ڪيم
سمھڻ جي
ڇھ ڪلاڪ
ننڊ جي
واسطي آرام جي!
منھن!
تون پرينءَ جي پار ڏي!
ني سپنن جو ثوابَ!
تون منڙي محبوب لئہ!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## تون ڪھڙو تخليقڪار آھين؟

تون ڪھڙو تخليقڪار آھين
جو پنھنجي ئي تخليق کي
پنھنجي ئي ھٿن سان
ازيتن جون تيليون ٻاري
ڏنيي رھيو آھين؟!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## انسانيت جا ٽهڪ

جڏهن هڪڙي تخليقڪار
پنهنجي ئي تخليق کي
ڇيري، ڦاڙي، مروڙي
ڦٽي ڪري ڇڏيو
تڏهن اي لوڪو
سيئي ازم
پوتيون پائي، برقعا اوڍي
لڪي ويا پنهنجي
نڪاڻن ۾
۽ هوءَ انسانيت
ٽورو پوئتي هٽي
پنهنجو مک
هٿن جي ٻڪ ۾ لڪائي
ٽهڪ ڏئي کل ۾ ٻڏي وئي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڏينهن ۽ رات جي ٽيبل ٽاڪ

ڏينهن رات جي ڪنڌ ۾،
ٻانهون وجهي
ڪائنس پڇيو،
”تون ايترو روئين ڇو ٿي؟“
رات روئندي، سڏڪندي وراڻيو
”ڇو جو تون ايترو ڪلين ٿو!“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ماضي بعيد، ماضي قريب ۽ حال

ٿيو ڏهاڙي تو ۽ مون
گڏ گوليون خريديون هيون
ڪالهه، تو انهن جي ٻاجي چاڙهي ڪائي ڇڏي.
۽ مون اهي پوکيون هيون.
اڄ تنهنجو وجود ڌرتيءَ تي ڪونهي
۽ منهنجو گيت پيو آلاپجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شرنائين جا سڏڪا

شرنائين جي گونج ۾
لاش جي ڪٽ ڪٽي
هي ڪانڌي جڏهن
تورو اڳتي وڌيا
آڪاش روئي ڏنو.
اندلٺ جي ستن ئي رنگن ملي،
ڪائنات تي ڪاري چادر
ڄاڙهي ڇڏي
۽ شرنائين جا سڏڪا گهٽجي ويا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# چنڊ جي تيلي

رات!
چنڊ جي تيلي ٻاري
ڌرتيءَ ڏانهن
اڇلي ڇڏي!
۽ مان!
سڄي رات
جلندو سڙندو
۽ ٻرندو رهيس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# وايو منڊل

رات آسمان تي سج چڙهيو.
ڏرتيءَ تان ڪاري ڳابي
لت هڻي
ڪيرائي وڏو ڪيس.
گهوڙي وڏو هڻڪات ڪري.
ڪائي ڇڏيو ڪيس!
صبح تي
ٻڪريءَ ڦولهڙيون لاٿيون
جي آسمان تي تارا بڻجي
ٽمڪڻ لڳيون!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اوندهہ ۽ روشنيءَ جي ٽيبل ٽاڪ

اوندهہ روشنيءَ کي چيو
”پاڻ هڪ ئي گهر جا ياتي تہ آهيون،
پوءِ ڇو نہ تون منهنجي حق ۾ هٿ کڻي ڇڏين؟“
روشني تجسس ۾ پئجي وراڻيو.
”جنهن ڏهاڙي
سچ
ڪوڙ جي حق ۾ هٿ کنيو،
ان ڏهاڙي
تون مان بہ تنهنجي حق ۾
ئي هٿ کڻي ڇڏيندس!“
تون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رنو ڪو نہ هوسين، بصر پٽي وڍيا،
اسان جا لڙڪ هي سڀ دغا ٿي[illegible]
پتلا وفا جا اوهان ٿي[illegible]
اسان بي وفا، بي وفا ٿي[illegible]

پاڳل من جي پاڳل چاهت اڃان بہ توکي چاهي ٿي،
گهڙي گهڙيءَ ٿي ياڪي پائي، گهڙيءَ گهڙيءَ پريائي ٿي،
رات نگر جي ديوي پنهنجي ڪومل چيڙن ساڻ،
وري وري ٿي لڙڪ اکيءِ ۾ وري پرچائي ٿي.

اسان جي جيئرا رهياسين تہ چاهي؟
جياسين، اسان يا مئاسين تہ چاهي؟
اوهان جي وفائن جا چرچا تہ هلندا،
ٻڌاسين تہ ڇا جي نہ ٻڌاسين تہ چاهي؟

اسان ڪان وٺي هر ادا موڪلائي،
اسان ڪان وٺي هر وفا موڪلائي،
اوهان جو رويو ڏسي منهنجي سائڻ،
اسان ڪان وٺي هر صدا موڪلائي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

❑

آءُ تہ تنھنجا لڙڪ،
نيڻ ڪٽورن مان پيان،
سرڪي سرڪي ڍڪ.

❑

ننڊ سپنا، جاڳ تصور،
حقيقت دور ٿي سهي،
تون منهنجو، مان تنهنجو محور.

❑

جذبي جهوريو جيءُ،
هيڪل هيڪل آءُ ۽،
سپنا سوچون سيءُ.

❑

سار تنهنجي ساز دل ڇيڙي ڇڏيو،
ياد تنهنجي ڪين ڪي رڪجي سگهي،
آ وري اڄ رات مون نغمو چيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

❐

ڪو بہ نہ آهي، ڪو بہ نہ آهي،
ڪو بہ نہ آهي، ڪو بہ نہ آهي.

مون کي اڄ پرڇائي جيڪو،
روئنڊڙ کي سرڄائي جيڪو،
منهنجو ميت چوائي جيڪو،
ڪنهن جو سڏ ورنائي جيڪو،
ڪو بہ نہ آهي، ڪو بہ نہ آهي.

منهنجو من پرڀائي جيڪو،
تنهنجو گيت ٻڌائي جيڪو،
مون سان ساٿ نڀائي جيڪو،
۽ راڳو گنگنائي جيڪو،
ڪو بہ نہ آهي، ڪو بہ نہ آهي.

منهنجا وار سنواري جيڪو،
تنهنجي راهہ نهاري جيڪو،
جانيءَ کي پڪاري جيڪو،
ڪويل جان ڪوڪاري جيڪو،
ڪو بہ نہ آهي، ڪو بہ نہ آهي.

چارڻ چنگ وڄائي جيڪو،
گهايل من! لپائي جيڪو،
نيڻ برسات وسائي جيڪو،
ڪو بہ نہ آهي، ڪو بہ نہ آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

❑

جڏهن بہ ڪوئي گيت لکان ٿو،
جڏهن بہ ڪوئي ميت ملي ٿو،
جڏهن بہ تنهنجو شعر ٻڌان ٿو،
يادون من تڙپائن ٿيون.

ڪويل ڪائي ڪوڪ لنوي ٿي،
ڳيرو ڀي آلاپ ڪري ٿو،
آڪاش ۾ ڪا ڪنوڻ ڪنوي ٿي،
يادون من تڙپائن ٿيون.

ڏينهن پنيان جڏ رات اچي ٿي،
تصور سان سوچون ساٿي ٿي،
سپنن ۾ ڀي ذات اچي ٿي،
يادون من تڙپائن ٿيون.

تون جو ناهين منهنجي ڪارڻ،
ائين لڳي ٿو مون کي چڻ ڪي،
چنگ پڇي چڏيو هر چارڻ،
يادون من تڙپائن ٿيون.

تون ٿي سمجهين بي وفا هان،
پر منهنجو ڀيو نانءُ وفا آ،
ڪيئن ٿي چئين تون ”ڪنو صفا آن“
يادون من تڙپائن ٿيون.

جڏهن بہ ڪوئي گيت لکان ٿو،
جڏهن بہ ڪوئي ميت ملي ٿو،
جڏهن بہ تنهنجو شعر ٻڌان ٿو،
يادون من تڙپائن ٿيون.

هاڻي مان شاعر نہ رهيو هان،
ڪجهہ بہ نہ آهيان ڪجهہ نہ رهيو هان.
شايد هاڻ ظفر نہ رهيو هان،
يادون من تڙپائن ٿيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

□

چوڏس رات شفاف، چوڏس گل اداس،
پوءِ به مان نه نراس.

شاعر لئه هر چوڪ تي، جڙيل آهه تياس،
پوءِ به مان نه نراس.

ٽٽل مورتي، ٽٽل سپنا ۽ هو سنگتراش،
پوءِ به مان نه نراس.

مئل ماڻهو، مئل جذبا، مئل آ احساس،
پوءِ به مان نه نراس.

سڪل ٻوٽو، سڪل مڪڙي، ڌرتيءَ ناهه ڪساس،
پوءِ به مان نه نراس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٦

کيسا خالي پاڻ ٻڌائڻ،
آءُ نہ ڄاڻان.

ڪاري هينان سچ لڪائڻ،
آءُ نہ ڄاڻان.

پيار ڪري ۽ پوءِ پڇتائڻ،
آءُ نہ ڄاڻان.

نظر مطلبيءَ ساڻ نهارڻ،
آءُ نہ ڄاڻان.

پاڻ نہ پالي، ڪتا ڌارڻ،
آءُ نہ ڄاڻان.

پاڻ کان اڳ ٻيا سڌارڻ،
آءُ نہ ڄاڻان.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

❐

پنهنجي دل جو ڳجهو راز تنهنجي آڏو اوريان ٿو،
چيچڙا پنهنجا چوريان ٿو.

ڪهڙي تند ۾ قرب محبت؟ اها تند مان ڳولهيان ٿو،
چيچڙا پنهنجا چوريان ٿو.

ٻاهه برهه جي ٻارڻ خاطر، ڪانيون اڳتي سوريان ٿو،
چيچڙا پنهنجا چوريان ٿو.

تنهنجي خوشيءَ تي او ساٿي، ڏڪڙا پنهنجا گهوريان ٿو،
چيچڙا پنهنجا چوريان ٿو.

هڪ هڪ موتي ڳوليِ ڳولهي، مالها هيءَ مان پويان ٿو،
چيچڙا پنهنجا چوريان ٿو.

تنهنجي خاطر اي ظفر! پنهنجو پاڻ پتوڙيان ٿو،
چيچڙا پنهنجا چوريان ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

❐

دنيا گڏ سڏ، مان ڇو اڪيلو؟ سوچيان وينو آءٌ،
الو ميان سوچيان وينو آءٌ.

هر ڪو اڳ ۾ آءٌ اويلو؟ سوچيان وينو آءٌ،
الو ميان سوچيان وينو آءٌ.

ٻيا منهن ٻهڪيل، منهنجو پيلو؟ سوچيان وينو آءٌ،
الو ميان سوچيان وينو آءٌ.

جاڳڻ گهرجي، هاڻ سويلو! سوچيان وينو آءٌ،
الو ميان سوچيان وينو آءٌ.

هت ويراني، هت ڇو ميلو؟ سوچيان وينو آءٌ،
الو ميان سوچيان وينو آءٌ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

❐

ڀٽائيءَ جي ڀونءِ تي قهر تبا ڪيڏا،
هٿ ڪارايون آڳريون، سڀ ڌڙ گوڏا،
جانب ڙي جيڏا، شاعر سنڌ جا ڪاڻ ۾.

❐

شاعر سنڌ جا ڪاڻ ۾، هيءَ ڀٽائيءَ ڀونءِ،
پرمارن جي سر تي، ڪا نہ سُري تي جونءِ،
ڄاتو آهي مون، ڏرتي ڏڙها هٽندي.

❐

ڀٽائيءَ جي ڀونءِ تي، واتن ڪي تالو،
رهيو آ انصاف جو، باقي ڪو نالو،
ڏاهپ ڏيوالو، ڪڍيو جاهل جوءِ مان.

❐

ڀٽائيءَ جي ڀونءِ ۾ ڀاڳيو آهي چور،
جهنگل جي هن ويڙهہ ۾ نانگ تو ماري نور،
لاٿونءَ ٻنان ڏور، وڻن ڀيا وائڙا.

❐

ڀٽائيءَ جي ڀونءِ ۾ ڏريو ڀون ڏيل،
ٻرن تا قنديل، مظلومن جي رت سان.

❐

ڀٽائيءَ جي ڀونءِ ۾ رڄ جهڙيون راتيون،
ڀرڪن تيون ڄاتيون، ڏسي ڏکر ڏيهہ ۾.

❐

ڀٽائيءَ جي ڀونءِ ۾ ڪهڙو آيو دور،
مري ويا سڀ مور، ڪانون جي ڪان ڪان رڳو.

❐

ڀٽائيءَ جي ڀونءِ ۾، ڏونگر جيڏا ڏينهن،
ڳدڙ وتن گهمندا، ڀڄري اندر شينهن،
جيڏا وسن مينهن، تيڏا ترڪن واهرو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچ سچل سندرتا، دين، ڌرم، ڌرتي،
اهڙي ڪا ڪوتا، جڙي جڳ جنسار ۾.

سچ، سچل سندرتا، ڏانءُ سموري ذات،
جاڳ وهائو نڪتو، ڦٽندي ڪا پرڀات،
اجهو ڪٽي رات، ڪاهل ڇڏيو ڪاهلي.

سچ، سچل سندرتا، ٿيئي زنده باد
سدا هجن شاد، ٿيئي ڌرتيءَ سنڌ سان.

مان ڪيئن ڪچان ميندرا، ڪچڻ تي تالا،
سچار ۽ حقدار کي لڳن پيا پالا،
ڏنا ڏيوالا، ذات جي مون ڏيهه ۾.

ذات جي هن ڏيهه ۾، پيڙا پيڙا سچ،
ٻري پوندو مچ، دکي دکي، پيڙ ڪان.

ڪاري ڪاري رات، ڏينهن قبوليان ڪيئن سا،
ڏاڍ، ڏکر ۽ ڏنگ مون، مور نہ ڪندا مات،
هوندم تيسين تات، جسو جيسين جيءَ ۾.

ڌرتيءَ ڪيو سڏ، آهي ڪو جو جيءُ ڇٽي،
ماس ويو آ ڪورجي، رهيو وجي آ هڏ،
پو يي هو ڏس گڏ، آهي آسروند سان.

ڌرتيءَ ڪيو سڏ، مرڪي سپ ڇٽو جيءُ،
جيسين جيءُ جنجال ۾، تيسين ڪير ۾ پيءُ،
حال ڏسي هيءُ، جاڳي پڻ تون جوء ڏٺي.

جنس سچن سمهان سکي ن جي ديد،
ڪند کهڙي عمد جنس حدا جن جا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

❑

"جاڳي پيو تو شايد" ياءُ ياپيءَ کي چيو "ياءُ اجا"
ٿي وڃي تاءِ منکي تنهنجي ياد ۾ ڏسي ورائيندي پاسا.

❑

وڏائي شيو بہ توکي بدنام ڪرڻ نٿا چاهيون،
ورنہ هاڻ چا چا نہ ڪرڻ اسان ٿا چاهيون.

❑

اعتماد واريءَ جا گهرڙا تہ نہ هن،
جي پل ۾ ٺهن ٿا ۽ پل ۾ ڊهن.

❑

اسان وٽ نہ بنگلا، بئنڪ بيلنس ۽ نہ ڪارون هن،
پنهنجي مقدر ۾ تہ لڙڪ اڻ ڳڻ ۽ هي سچايون هن.

❑

رات اوپرو، ڳگهہ انڌيرو. مان هوندس ۽ تنهنجي گهر جو رستو هوندو،
تو نہ جيئبو! توتي پنهنجو سر گهوريندس، جيون سودو ايڏو سستو هوندو.

❑

سنو تيو تہ هائي ئي سمجهي تہ ويئو،
اسان ڪير آهيون! اوهان ڪير هيئو!

❑

"مون ڪان وڏيڪ جڳ ۾ اور ملي ويندئي ڪا!"
اسان کي ترپائي ترپائي مارڻ بہ ڪيڏو نہ سئولو آ.

❑

سونهن ۽ سچ جو آ درد سان رشتو اهڙو،
تنهنجو مون سان. منهنجو توسان پريم رشتو جهڙو.

❑

سون
ني
سون

ڪو ماڻهو ڪانٽرتا جا ڪوڙ لڪائڻ ڪارڻ
هيل بہ ڪو ... جائي پنهنجو سچي آ جارڻ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نيو ٿنڪرس فورم جون اڳيون ڇپائون

**آرٽ ڪارڊس:**
شگفته شاهه، صنوبر سيد، وحيده قاضيءَ جي پاڪيٽ سائيز اسڪيچ ڪارڊس جا سيٽ (ختم ٿيل)

**گريٽنگ ڪارڊس:**
ڇپائيءَ جي شاعريءَ تي شگفته شاهه جا ڪلر اسڪيچ گريٽنگ ڪارڊ (20/= رپيا)

**وڊيو سي ڊي:**
**آرٽ آف سنڌ:** وحيده قاضي، شگفته شاهه، ڊاڪٽر زبيده جوڻيجو ۽ انيلا ميراڻيءَ جي واٽر ڪلر، لائينز / اسڪيچ ورڪ، ايمبرائڊري ۽ گلاس پينٽنگ تي مشتمل 135 پينٽنگس جي وڊيو مووي، قيمت 60 رپيا.

| نمبر | ڪتاب جو نالو | ليکڪ | صنف | قيمت |
|---|---|---|---|---|
| -1 | مشعل برندي رهندي | صنوبر سيد | ڪهاڻيون | ختم ٿيل |
| -2 | شاعريءَ جون صنفون | ظفر عباسي | صنفن جو تعارف | ختم ٿيل |
| -3 | خواب اکين جي شاعري | صنوبر سيد | نظمائو نثر | ختم ٿيل |
| -4 | ترڪان ٿيندي ڏار | صنوبر سيد | ڪهاڻيون | ختم ٿيل |
| -5 | ٽين دنيا | ظفر عباسي | ڪهاڻيون | ختم ٿيل |
| -6 | ڪنهن ڪنهنجي نند چورائي | نسرين سيد | شاعري | ختم ٿيل |
| -7 | رومن اسڪرپٽ سيکي بولين لاءِ | حليم بروهي | رومن اسڪرپٽ | 75/= رپيا |
| -8 | سونهن سندو ساگر | مقبول مارو | شاعري | 70/= رپيا |
| -9 | اڻپورو اظهار | ثريا سرهاڻ گل | ڪهاڻيون | 20/= رپيا |
| -10 | جذبن جهوريو جيءُ | ساجده جبين | ڪهاڻيون | 60/= رپيا |
| -11 | مون کي هوائن ۾ ڳولجان | طارق خشڪ | ناول | 80/= رپيا |
| -12 | اسان جي ڳلين ۾ اوهان جا حوالا | نسرين سيد | شاعري | ختم ٿيل |
| -13 | نيرانا ٿي نيڻ | اويس قرني | شاعري | ختم ٿيل |
| -14 | دلڙي توکي ساري ٿي | ثريا سرهاڻ گل | شاعري | 25/= رپيا |
| -15 | سار جي خوشبو | مشتاق بخاري | غزل / شاعري | ختم ٿيل |
| -16 | خواب جاڳي پيا | نمر ناز | شاعري | 100/= رپيا |
| -17 | سپنا سڏڪن پيا | مهڪ جوڳي | شاعري | 80/= رپيا |
| -18 | نشانا چپن جا | وشال امير | غزل / شاعري | 80/= رپيا |
| -19 | منهنجي چاهتن جي منزل | ڪرپانو سنڌو | ناول | 100/= رپيا |
| -20 | امر راڳي امر گيت (سرمد سنڌي) | ڪوثر برڙو | گيت | ختم ٿيل |
| -21 | تو بہ جيو هو | ظفر عباسي | غزل ۽ ترائيل | 80/= رپيا |
| -22 | چاهتن جا گلاب | علي محمد سولنگي | غزل | 120/= رپيا |
| -23 | منهنجو من | سليم رضا | شاعري | 130/= رپيا |
| -24 | من اندر ۾ ڪيرہ آهي | نسرين سيد | شاعرانو نثر | 80/= رپيا |
| -25 | تون ٿي نور | ظفر عباسي | شاعري | 80/= رپيا |
| 26 | ڳل نہ ڪا ڳوڙها | اويس قرني | شاعري | [illegible] |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com